Downloaded from https:// www.studiestoday.com

# سِنڌوُ پارتي



درجو ڏهون

## سِنڌِي



Downloaded from https:// www.studiestoday.com

Downloaded from https:// www.studiestoday.com

سرڪاري فيصلو نمبر : اَيپياس ٢١١٦ (پر. ڪر ۴۴١٦) ايس.ڊي ۴ تاريخ ٢٠١٦-۴-٢۵ موجب اسٽاپت ڪيل ڪو آرڊينيٽنگ ڪاميٽيءَ جي تاريخ ٢٩.١٢.١٧ جي ميٽنگ ۾ هن درسي ڪتاب کي سن ٢٠.١٨.١٩ کان مختصر طور منظوري ڏني ويئي آهي.

# سِندوُ پارتي

## درجو ڏهون

## سِنڌي

٢٠١٨

مهاراشٽر راجيہ پاٺيہ پُستڪ نرمتي و اڀياسڪرم سنشوڌن منڊل، پڻي

پنهنجي سمارٽ فون ۾ DIKSHA APP ذريعي درسي ڪتاب جي پهرين صفحي واري Q.R. Code ذريعي Digital درسي ڪتاب ۽ هرهڪ سبق ۾ آيل Q.R. Code ذريعي ان سبق بابت پڙهڻ / پڙهائڻ لاءِ ڪارائتيون لنڪس ملنديون.

C63P7U

Downloaded from https:// www.studiestoday.com

Downloaded from https:// www.studiestoday.com

چاپو پهريون : ٢٠١٨ ©
مهاراشٽر راجيه پاٺيه پُستڪ نرمتي و اَڀياسڪرم سنشوڌن منڊل، پڻي - ٤١١٠٠٤
مهاراشٽر راجيه پاٺيه پستڪ نرمتي و ابياس ڪرم سنشوڌن منڊل، وٽ هن ڪتاب جا سڀ حق واسطا محفوظ آهن. هن ڪتاب جو ڪوبه ٽڪر ڊائريڪٽر، مهاراشٽر راجيه پاٺيه پستڪ منڊل جي لکيل اِجازت کان سواءِ ڪٽي نٿو سگهجي.

سنڌي ڀاشا سمتي ۽ اَڀياس گٽ سمتي : ڊاڪٽر ديال 'آشا' سياپتي
شري اَشوڪ ڪملداس مڪنا ميمبر
شريمتي ميران مهيش گدواڻي ميمبر
شري وجيه راجڪمار منگلاڻي ميمبر
شري گووردن شرما 'گهايل' ميمبر
شريمتي راجيشري جيناند ٽيڪچنداڻي ميمبر
شريمتي ڪاجل اَنيل رامچنداڻي ميمبر

سنيوجڪ : شريمتي ڪيتڪي جاني
(اِنچارج وشيش اَڌڪاري سنڌي)

سنيوجڪ سهايه : شريمتي گيتا گڻيش ٺاڪر
(ڪاپي رائيٽر، سنڌي)

ٽائيپ سيٽنگ : شويا لعلچنداڻي

چترڪار : ڪماري سوپنالي وجيه ڪمار اُپاڌيه

نرمتي : شري سچيتانند آڦڙي (مکيه نرمتي اَڌڪاري)
شري راجيندر چندرڪر (نرمتي اَڌڪاري)

پرڪاشڪ : شري وويڪ اُتم گوساوي،
پاٺيه پُستڪ نرمتي منڊل،
پرڀاديوي، ممبئي - ٢٥.

ڪاغذ : ٧٠ جي.ايس.ايم. ڪريم وو
پرنٽنگ آرڊر : N/PB/2018-19/(1500)
ڇاپيندڙ : M/s.Uchitha Graphics Printers Pvt.Ltd.,Navi Mumbai

## پرستاونا

پيارا شاگرد دوستو!

توهان سڀني جو درجي ڏهين ۾ سواگت آهي. هن کان اڳ واري درجي ۾ به توهان سنڌو ڀارتي ڪتاب پڙهيو آهي. درجيڏهين جو هي درسي ڪتاب اوهانجي هٿن ۾ ڏيندي اسانکي بيحد خوشي ٿي رهي آهي.

دوستو سنڌي ٻولي سٺي نموني ڳالهائڻ ٻولهائڻ اچڻ لاءِ اوهانجو لفظن جو خزانو چڱو هجي. ان لاءِ هن درسي ڪتاب جون آکاڻيون، گفتگو، سبق / ڪوتائون، گيت پڙهي نوان نوان لفظ، اصطلاح چوڻيون سکڻ لاءِ ملنديون اسانکي ائين لڳي ٿو ته اهو ڪتاب پڙهي توهانجو ماتر ڀاشا لاءِ پيار ضرور وڌندو.

توهانکي وڌي ان لاءِ درسي ڪتاب ۾ لفظن جي راند، پورڪ اَڀياس، ماٺ ۾ پڙهو، پاڻ ڪريان - پاڻ سکان، چتر جاچيو ٻڌايو جملا بدلائي لکو. اهڙي نموني جون انيڪ مشغوليون ڏنيون آهن. ساڳي نموني وياڪرڻ جا الڳ الڳ روپ سولي نموني ڏنا ويا آهن. ان کانسواءِ نئين نموني جي بدلاءُ ڳالهائڻ ۽ لکڻ جو موقعو مليل آهي. توهانکي موبائيل ۽ ڪامپيوٽر سان ولائي سان واپرائڻ اچي ٿو. ان نظريي سان ڪجهه مشغوليون ڏنل آهن. وڌيڪ ڄاڻ لاءِ اِئيپ جي وسيلي ڪيو. آر ڪوڊ ذريعي هرهڪ سبق جي وڌيڪ ڄاڻ فائدي واري آهي. اُن جو ابياس ۾ اُپيوگ ٿيندو. سنڌي ڀاشا سکڻ وقت اُن مان ڪجهه ملهه سکڻ. سماجڪ مسئلا سمجهڻ ۽ اُهي حل ڪرڻ لاءِ اُڻ تڻ هجي. اِهو به اهميت وارو آهي. ان نظريي سان درسي ڪتاب ۾ آيل سبق، مشغولي ابياس جو ويچار ڪريو. هي درسي ڪتاب توهانکي وڻيو ڇا؟ اهو اسانکي ٻڌايو. توهان سڀني کي شڀ ڪامنائون.

پڻي :
تاريخ : ١٨ مارچ، ٢٠١٨

(ڊاڪٽر سُنيل مگر)
سنچالڪ
مهاراشٽر راجيه پاٺيه پُستڪ نرمتي و اَڀياس ڪرم سنشوڌن منڊل، پڻي

Downloaded from https:// www.studiestoday.com

Downloaded from https:// www.studiestoday.com

# ڀارت جو سنوڌان

## ديباچو

اسين ڀارت جا لوڪ، ڀارت کي هڪُ مڪمل طور خودمُختيار سماجوادي سَرو ڌرم ۽ سم-ڀاوَ وارو لوڪشاهي گڻراجيہ بڻائڻ لاءِ گنڀيرتا سان فيصلو ڪري ۽ انهيءَ جي سڀني ناگرڪن کي :

سماجڪ، آرٿڪ ۽ راڄنيتڪ نياءُ، ويچار، اظهار، وشواس، شرڌا ۽ اُپاسنا جي آزادي؛ درجي ۽ موقعي جي سمانتا؛ خاطريءَ سان حاصل ڪرائڻ ۽ اُنهن سڀني ۾ شخصي سؤمان ۽ راشٽر جي ايڪتا توڙي اکنڊتا جي خاطري ڏيندڙ ڀائيچارو وڌائڻ لاءِ.

اسان جي هن سنوڌان سڀا ۾ اڄ تاريخ چويهين نومبر، ١٩٤٩ جي ڏينهن، هن ذريعي هيءُ سنوڌان سويڪار ڪري، اُن کي قانون جي روپ ۾ پاڻ کي ارپڻ ڪريون ٿا.

Downloaded from https:// www.studiestoday.com

Downloaded from https:// www.studiestoday.com

## راشٽر گيت

جَنَ گَڻَ مَنَ اَڌِينايَڪ جَيَہ هي،
ڀارَتَ ڀاڳِيہ وڌاتا
پَنجابَ، سِنڌ، گُجراتَ، مَراٺا،
دراوِڙَ، اُتڪَلَ، بَنگَ،
وِنڌِيَہ، هِماچَلَ، يَمُنا، گَنگا،
اُڇَلَ، جل ڌِ تَرَنگَ،
تَوَ شُڀَ نامي جاڳي،
تَوَ شُڀَ آشيس ماڳي،
گاهي تَوَ جَيَہ - گاٿا،
جَنَ گَڻَ - مَنگَلَ دايَڪ جَيَہ هي
ڀارت ڀاڳِيَہ وڌاتا،
جَيَہ هي، جَيَہ هي، جَيَہ هي،
جَيَہ جَيَہ جَيَہ جَيَہ هي،

## پرِتگيا

’ڀارت منهنجو ديش آهي. سڀ ڀارتواسي منهنجا ڀائر ۽ ڀينر آهن.

مونکي پنهنجي ديش لاءِ پيار آهي ۽ مونکي ان جي شاندار ۽ طرح طرح جي ورثي تي گوَرو آهي. مان سدائين ان جي لائق ٿيڻ جو جتن ڪندو رهندس.

مان پنهنجن مٽن مائٽن، اُستادن ۽ سڀني بزرگن جو سنمان ڪندس ۽ هر ڪنهن سان فضيلت ڀريو ورتاءُ ڪندس .

مان پرتگيا ٿو ڪريان تہ مان پنهنجي ديش ۽ ديشواسين سان سچو ٿي رهندس. انهن جي ڪلياڻ ۽ آسودگيءَ ۾ ئي منهنجو سک سمايل آهي.‘

Downloaded from https:// www.studiestoday.com

Downloaded from https:// www.studiestoday.com

# Sindhi X Composite Course

وشيه : سنڌي (جمع ڪورس)

درجو : ڏهون اپياسڪرم

مقصد :-

’مهاراشٽر راجيه اپياسڪرم خاڪو ۲۰۱۲‘ موجب سکڻ سيکارڻ جي ترڪيب ۾ ڪيترين ئي تبديليون آنديون ويون آهن. درجو ڏهون سنڌي جمع ڪورس درسي ڪتاب تيار ڪرڻ وقت هيٺيان مقصد ڌيان ۾ رکيا ويا آهن.

۱. درسي ڪتاب ۾ ڏنل نثر ۽ نظم جي مواد کي شاگرد سولائيءَ سان سمجهي سگهي ٿو.

۲. اِمتحاني سوالي پيپر بدران عملي پرچو اِها تبديل آڻڻ سبب ڏنل مواد سان لاڳاپو رکندڙ توري غير لاڳاپو رکندڙ مشغوليون ڏنل آهن. جيئن شاگرد پاڻ عملي ڪاروايون ڪري پنهنجو گيان وڌائي سگهن ٿا.

۳. ٻار سوال جواب لکڻ بدران پنهنجي عمر ۽ ڪلپنا شڪتيءَ موجب ويچار ظاهر ڪري سگهي.

۴. نثر ۽ نظم سان لاڳاپو نه رکندڙ ڏنل مشغولين ۾ ٻار پاڻ ڀرو ونئي ’پاڻ ڪريان، پاڻ سکان‘ اِن متي تي هلي پنهنجي دماغي قابليت وڌائي سگهي.

۵. ٻڌل ۽ پڙهيل ساهتيه جي جُدا جُدا انگن کي شاگرد پنهنجي لفظن ۾ بيان ڪري سگهي.

۶. ڊڪشنريءَ جي اِستعمال کي شاگرد وڌيڪ اهميت ڏي.

۷. ٻوليءَ تي شاگرد پڪڙ حاصل ڪري سگهي جيئن سکيا جي جُدا جُدا ڪيترن ۾ پنهنجا ويچار مُناسب طريقي اِظهار ڪري سگهي.

۸. درسي ڪتاب ۾ گيان رچناواد ۽ مشغولي آڌارت سکيا تي زور ڏنو ويو آهي، جيئن شاگرد جي سکڻ جي لاءِ دلچسپي وڌي ۽ مشغوليون ڪاميابيءَ سان پوريون ڪري سکڻ ۽ سيکارڻ جي پرڪريا ۾ هوُشيار پائيدار بڻي.

۹. پنهنجا آزمودا، ٻڌل / پڙهيل، گهٽنائون، واقعا، آکاڻيون پنهنجن لفظن ۾ بيان ڪري/ لکي سگهي.

۱۰. ديش ڀڳتي، صحت، صاف صفائي، اِنساني جذباتن جو قدر، پاڻ تي ڀاڙڻ اِنهن وشين بابت شاگردن جي سمجهه صحيح ۽ پُختي بڻجي.

۱۱. شاگرد، گهر، اِسڪول ۽ ديش ڏانهن پنهنجون جوابداريون سمجهي سگهي.

۱۲. پرياورڻ جي سنڀال ڪري سگهي.

Downloaded from https:// www.studiestoday.com

Downloaded from https:// www.studiestoday.com

## فهرست

### نثر


| نمبر | سبق | ليکک | صفحو |
|---|---|---|---|
| 1. | آتم وشواس | نامديو ڊي. لاڏلا | 1 |
| 2. | وتايو فقير | وشنداس آسراڻي | 5 |
| 3. | نئون يُگ | منوهر چُگهه | 8 |
| 4. | منگل يان | ---- | 14 |
| 5. | زبان | ڊا. نرملا آسناڻي | 18 |
| 6. | پسيني جي ڪمائي | ايسر سنگهه بيدي | 22 |
| 7. | سنتو شهاڻي | وشنو شرما | 27 |
| 8. | مائڪرو ڪهاڻيون | ---- | 30 |


### نظم


| | بيت | شاعر | |
|---|---|---|---|
| 1. | گيت | موتي پرڪاش | 34 |
| 2. | غزل | ايم . ڪمل | 37 |
| 3. | شاهه جا بيت | شاهه صاحب | 40 |
| 4. | ڪنول جو گُل | هري دلگير | 42 |
| 5. | سچ | ليکراج ’عزيز‘ | 46 |
| 6. | ساميءَ جا سلوڪ | چئنراءِ بچومل لُنڊ ’سامي‘ | 48 |


Downloaded from https:// www.studiestoday.com

Downloaded from https:// www.studiestoday.com



END P-2

Downloaded from https:// www.studiestoday.com

Downloaded from https:// www.studiestoday.com



END P-1

Downloaded from https:// www.studiestoday.com

Downloaded from https:// www.studiestoday.com

# 1. آتم وشواس

شري نامديو لاڏلا (1951) پير ڳوٺ سنڌ ۾ ڄاول، شري نامديو لاڏلا سنڌي ڀاشا جو هڪ ناليرو عالم اديب آهي. ’اَحساس جي اُٿل‘ ۽ ’زندگيءَ جون لڪيرون‘ ٻه ڪوتا سنگرهه ۽ اَدبي غُنچو‘، ’ساگر جون سِپون‘ ۽ ’جهرڪا‘ مضمونن جا مجموعا اٿس.

هن مضمون ۾ جيون ۾ سڦلتا حاصل ڪرڻ لاءِ آتم وشواس جي اَهميت سمجهائي ويئي آهي.

پنهنجو پاڻ ۾ وشواس، اُن کي چيو ويندو آهي آتم وشواس. آتم وشواس هڪ اَهڙي غئبي شڪتي آهي، جنهن جي مدد سان اِنسان پنهنجي هر ڪاريه ۾ سڦلتا حاصل ڪري سگهي ٿو. نه رڳو ايترو، پر اُن جي سهايتا سان اِنسان ڀيا به انوکا ڪم ڪري سگهي ٿو. جڏهن ڪو ماڻهو پاڻ ۾ اِهو وشواس جاڳرت ڪندو ته هو ڪوبه ڪم ڪرڻ جي لائق آهي ۽ هو ڪنيل ڪم کي هر حالت ۾ پورو ضرور ڪندو ته هن کي اُن ڪم ۾ ڪاميابي ضرور ملندي. آتم وشواس رکندڙ پرش محڪم اِرادي وارو ٿيندو آهي.هوُ ڪهڙيءَ به اِستٿيءَ ۾ ڇو نه هجي، ڪڏهن به پنهنجو آتم وشواس نه وڃائيندو آهي. جنهن اِنسان کي پاڻ تي وشواس نه هوندو آهي، اُهو ڪڏهن به ڪامياب زندگي نه گذاريندو آهي. اِنسان آتم وشواس جي ٻل سان نيون نيون کوجنائون ڪري، اِنسان ذات کي اَچرج ۾ وجهي ڇڏيو آهي. جاگرافيڪل توڙي وگيانڪ کوجنائون آتم وشواس جو ئي نتيجو آهي. ڪرسٽوفر ڪولمبس تنتيءَ ٿڌيءَ جي پرواهه نه ڪري، سمنڊ جا سئر طوفاني هوائن جو مقابلو ڪري هڪ نئين دنيا ڳولهي لڌي، جنهن کي اَڄ اَسين آمريڪا ڪوٺيوُن ٿا. سر آئيزڪ نيوٽن ڪشش ثقل جو قاعدو ڳولهي لڌو. هن جي اِن ڳولها پنيان، سندس محنت لڳن جو هٿ هو. اِن ڪانسواءِ تار، ٽيليفون، ٽيليويزن، ريڊيو، ريل گاڏي، هوائي جهاز، سبڻ جي مشين، واشنگ مشين، ڪئميرا، ٽائيپرائيٽر، ٽيليپرنٽر ۽ ٻيون کوجنائون اِنسان ذات لاءِ وردان، سک سهنج ۽ خوشيءَ جو باعث بڻيون آهن. اُنهن جي کوجنا ڪندڙن ۾ پنهنجو پاڻ ۾ وشواس هو. ڪم ڪندي هنن ڪڏهن به ٿڪ، گهٻراهٽ، سستي ۽ نا اُميدي محسوس نه ڪئي.

اِن مان صاف ظاهر آهي ته اِنسان هڪ دفعو جڏهن پاڻ ۾ وشواس رکي ، ڪنهن به ڪم جي شروعات ڪندو ته اُن ۾ نشچت سڦل ٿيندو. آتم وشواس آتمڪ شڪتي وڌائي ٿو ۽ ڪهڙي به مصيبت سهڻ جو ٻل پئدا ڪري ٿو.

تين زنگ هلاري، مائونٽ ايوريسٽ جي چوٽيءَ تي چڙهي عالمي رڪارڊ ٽوڙيو. چارلس لمب ائٽلانٽڪ ساگر پار ڪيو. اِهو چمتڪار نه هيو ته ٻيو ڇا هو! جي هنن وٽ آتم وشواس جي ڪمي هجي ها ته هو ڪڏهن به اَهڙو جوکم ڀريو ڪم نه ڪري سگهن ها. پاڻ ۾ پڪو وشواس ڪاميابيءَ جي ڪنجي آهي. جڏهن کي به مکي باز پاڻ ۾ لڙندا آهن ته جيت اُن جي ئي ٿيندي آهي، جنهن جو آتم وشواس وڌيڪ مضبوط هوندو آهي. وڏي ڇلا نگه ۾ به اهو ڇلا نگه ماريندڙ سڦل ٿيندو آهي، جنهن کي پاڻ ئي پرٻل وشواس هوندو آهي.

پي. ٽي. اُشا جو ئي مثال وٺو، جي سندس آتم وشواس ڪمزور هجي ها ته ڪڏهن به تيز ڊوڙ ۾ رڪارڊ قائم ڪري نه سگهي ها. وشواس قدرت طرفان مليل هڪ وردان آهي، جيڪڏهن اِهو وشواس اَسان پاڻ ۾ رکنداسين ته جهان جي هر ناممڪن ڳالهه ممڪن بڻائي سگهنداسين.



Downloaded from https:// www.studiestoday.com

Downloaded from https:// www.studiestoday.com

**نوان لفظ :-**

| | | |
|---|---|---|
| محڪم : پڪو | جوکم : خطرو | غئبي : لڪل |
| باعث : سبب | اِستتي : حالت | اَچرج ۾ وجهڻ : عجب ۾ وجهڻ |

## اَڀياس

**سوال ١ : هيٺين سوالن جا جواب هڪ ٻن جملن ۾ لکو :-**

١. آتم وشواس جو مطلب ڇا آهي؟
٢. آتم وشواس کان سواءِ زندگي ڪيئن گُذرندي؟
٣. سر آئيزڪ نيوٽن ڪهڙو قاعدو ڳولهي لڌو؟
٤. آمريڪا ڪنهن ڳولهي لڌي؟
٥. ليکڪ موجب ڪاميابي جي ڪُنجي ڪهڙي آهي؟

**سوال ٢ : هيٺين سوالن جا جواب ٿوري ۾ لکو :-**

١. ڪوڇنا ڪندڙن کي ڪنڊي ڇا محسوس نه ڪيو؟
٢. آتم وشواس جاڳرت ڪرڻ سان ڪهڙو فائدو ٿئي ٿو؟
٣. آتم وشواس جا ٻه اَنوکا مثال لکو.

**سوال ٣ : هيٺين لفظن جا ضد لکو :-**

سڦلتا، پنيان، سستي، ناممڪن

**سوال ٤ : ساڳي معني وارا لفظن جا جوڙا ملايو :-**

| (الف) | (ب) |
|---|---|
| ظاهر | اوس |
| سڦل | ڇٽو |
| ٻل | ڪامياب |
| ضرور | طاقت |

**سوال ٥ : وياڪرڻ موجب ڳالهائڻ جا لفظ سڃاڻو :-**

پنهنجو، سمنڊ، سگهنداسين، تہ، شڪتي، تيز



Downloaded from https:// www.studiestoday.com

Downloaded from https:// www.studiestoday.com



# پارت جون مهلا رانديگر



**۱. ڪرنم ماليشوري :**

” وزن کڻڻ (Weight Lifting) ۾ پارت جي پهرين مهلا جنهن آلمپڪ راندين ۾ سنہ 1995 ۾ ميڊل کٽيو. کيس 1995ع ۾ پارت سرڪار راجيو گانڌي کيل رتن اِنعام سان سنمانت کيو. سنہ 1999ع ۾ کيس ’پدم شري‘ اِنعام سان نوازيو ويو.



**۲. اَنجوُ بابي جارج :**

سنہ 2003 ۾ پئرس ۾ ورلڊ چئمپينشپ اِن اَئٿليٽڪس ۾ لانگہ جمپ ۾ برانز ميڊل کٽي پارت جو نالو اوچو کيو. ساڳئي نموني سنہ 2005ع ۾ IAAF ۾ گولڊ ميڊل کٽي شاندار جيت حاصل کئي.



**۳. پي. وي. سنڌو :**

پهرين پارتيہ رانديگر جنهن بئڊمنٽن راند ۾ 2016 آلمپڪس ۾ سلور ميڊل حاصل ڪري جيت جو نغارو وڄايو. تازو سنہ 2017ع ۾ ڪوريا راندين ۾ پڻ ميڊل کٽي نالو ڪمايو. سنہ 2015ع ۾ کيس پدم شري اِنعام سان نوازيو ويو.



**۴. ساڪشي ملِڪ :**

2016 آلمپڪس راندين ۾ ڪُشتيءَ ۾ برانز ميڊل کٽيو. اِن راند ۾ هوءَ پهرين رانديگر ٻٽي جنهن 58kg قسم ۾ پاڳہ وٺي، ميڊل حاصل کيو.

C6CK9H



Downloaded from https:// www.studiestoday.com

Downloaded from https:// www.studiestoday.com

# 2. وتايو فقير

وشنداس آءِ آسراڻي (1924-1989) ريلوي ۾ ملازمت ڪندي بہ ساهتيہ ۾ اڻٿڪ چاهہ رکندو هو. هن اٽڪل ڏيهارو ڪن سال ڪيترائي ليک، اسڪيچ ۽ سڪيادائڪ ٽوٽڪا لکي سنڌي ٻولي ۽ ساهتيہ جي خدمت ڪئي. خاص ڪري انوکن وشين يا وساريل ورقن تي قلم هلائيندو رهيو ۽ پنهنجي هزان وڙان پستڪ ڇپائيندو رهيو. هن ليک ۾ سنڌ جي هڪ مشهور ڏند ڪٿائي شخصيت وتايي فقير جي جيون مان انوکا مگر سڪيادائڪ ٽوٽڪا ڏنل آهن.



اَسان جي سنڌ سڀوريءَ ۾ اَنيڪ مهان آتمائون، ساڌو سنت، درويش، المست، پريوءَ جا پيارا، اللهہ لوڪ، فقير، لاطمع ۽ مالڪ جي ڌنل مستيءَ ۾ مست مستانا ٿي گذريا آهن. اَهڙن السمتن مان وتايو فقير بہ هڪ آهي. سنڌ ۾ هيءُ شخص پنهنجن ڳالهين ۽ ٽوٽڪن ڪان مشهور آهي. هنن جي هلت چلت اهڙي هوندي هئي جو ڪي ماڻهو چڙيو يا وري مست ڪري سمجهندا هئا.

ظاهر ۾ تہ وتائي، تعليم ڪين ورتي هئي، مگر مالڪ جي ڏنل مستيءَ ۾ اهڙو تہ مست رهندو هو جو وڏن وڏن عالمن کي بہ شهہ ڏيئي ويو. هن جي هرهڪ ٽوٽڪي ۾ عالماڻا گُفتا ۽ مطلب ڀريا نقطا سمايل هئا. هن کي هندو خواهہ مسلمان پائيندا هئا ۽ کيس سڪ مان سڏي ماني ڪارائيندا هئا. هو نڪو ڪنهن ڪان ڪو مال وٺندو هو ۽ نہ وري ڪا تمنا ئي رکندو هو. هن کي ويهڻ، رهڻ يا سمهڻ لاءِ ڪو هڪ نڪاڻو، جاءِ يا آستان ڪونہ هوندو هو. مرضي پويس تہ ڪنهن گهٽيءَ ۾ لٽو اوڙي سُمهي پوندو هو ۽ مرضي ٿيس تہ ڪيڏانهن گُمهڻ هليو ويندو هو. مطلب تہ رمتو جوڳي هوندو هو.

هڪ ڏينهن وتايو فقير ڪنهن وڏيري جي شاديءَ تي فقيري لباس اوڙي پهتو تہ کيس دروازي تي ئي روڪيو ويو ۽ اندر وڃڻ ڪان کيس منع ڪئي ويئي. هِن چا ڪيو جو ترت وڃي ڪٿان اوُچا ڪپڙا وٺي پائي ڪري وري ساڳئي هنڌ آيو تہ کيس شان مان ۽ عزت سان اندر وٺي وڃي ويهاريو ويو ۽ شاديءَ ۾ تيار ٿيل سڀ طعام ڪاڏي



Downloaded from https:// www.studiestoday.com

Downloaded from https:// www.studiestoday.com

لاءِ آڻي ڏنا ويا. وتايو پاڻ کان اَڳ هٿ ۾ ڪاڏو ڪٽي ڪپڙن کي آڇيندي چوڻ لڳو. ”کائو، کائو، خوب کائو. اوهانجي ڪري مونکي به کائڻ لاءِ مليو آهي.“ تنهن تي ماڻهن پڇيس ته ”اهو ڇا پيو ڪرين؟“ وتائي وراڻيو ته ”هينئر ئي ٿورو اڳ غريباڻن ڪپڙن ۾ آيم ته دروازي کان اندر به گهڙڻ ڪونه ڏنو ويو، پوءِ جڏهن وڃي هيءُ اوُچا ڪپڙا پاتا ته شان مان سان اندر آڻي هيءُ طعام ڏنا ويا آهن. تنهن لاءِ اِهي آڇيان به ڪپڙن کي ئي پيو، جنهن ڪري هيءَ عزت ملي آهي!“

وتائي فقير جي ڏينهن ۾ راشن جو زمانو ڪين هو ۽ غريبن وٽ ڏوڪڙ ڪٿي، جو اَناج ميسر ڪري رکن. وتائي جي ماءُ به پورهيو ڪري پيٽ گذران ڪندي هئي. اَٽ ۽ چاڙهه واري ڪار هين. هڪ ڏينهن وتائي فقير ٻاهران ٽڪڙو ايندي ماءُ کي چيو : ”امان، ڏاڍي بک لڳي آهي، ماني اَٽ ته کاوان.“ ماڻس چيو : ”اَبا! اَڄ ته اَن جو داڻو به ڪونهي. پيسو ڏوڪڙ به ڪونهي جو بزار مانِ اَن وٺي اچان. تون ته سچو ڏينهن الله الله لڳائي ويٺو آهين. اڄ ڏسان ته تنهنجو الله ڪيئن ٿو اَسانجي پورت ڪري.“ فقير کان ڏوراپو سٺو نه ويو، سو سڌو رخ ڪيائين مسجد ڏانهن. اُتي گنبذ تي چڙهي ويو. پنو، مس ۽ قلم ڪٺي مٿي آسمان ڏانهن منهن ڪري چيائين : ”الله سائين، اگر ڪٿو هجين ته هٿ لکي ڏي....“ اجا ائين چيائين مس ته مسجد ٻاهران ڪنهن ڪيس سڏ ڪيو، ڏسي ته هڪ ماڻهو گڏه تي اَن جي ڳوڻ ڪنيو بيٺو آهي. جنهن ڪيس چيو ته” هيءَ اَن جي ڳوڻ وِڏيري تو لاءِ موڪلي آهي. “ اهو ڏسي فقير کلندي چيو : ”واه! رب واه! لکي نيٺ ڪونه ڏُنئه، باقي اَن سو موڪلي ڏنئيه.“

هڪ ڏينهن وتائي فقير الله سائينءَ کان پئي دعا گهري. هٿ مٿي ڪٽي، سوال ڪندو، پوئتي ٿي هلندو ويو، پٺيان هڪ کڏ هئي، سو اوچتو ئي اوچتو وڃي اُن ۾ ڪريو. وتائي ڪپڙا ڇنڊيندي، منهن مٿي ڪري چيو : ”الله سائين! دعا نه ٻڌين ته نه ٻڌ، پر ڌڪا ته نه ڏي؟“

وتائي فقير جا ٽوٽڪا ظاهري طرح اَسان کي کلائين ۽ وندرائين ٿا، پر جيڪڏهن اِنهن ٽوٽڪن ۾ اَسين اونهو ويندا سين ته هرهڪ ٽوٽڪي مان سبق ۽ سکيا ملندي، جن ۾ اَصل راز سمايل آهي ته اي اِنسان! تون هن سنسار ۾ آهين ايشوري اَمانت.... پر تون جڏهن اَمانت ۾ خيانت ٿو ڪرين ته خود غرضيءَ جو غلام ٿو بڻجين ۽ پوءِ سڪ ۽ سچائي، سرت ۽ ساڃهه، مُروت ۽ ماڻهپو، نيڪي ۽ ايمانداري تو وٽانِ موڪلائي وڃن ٿا. تون فقط پنهنجي پيٽ جي چوڏاري چڪر پيو ڏين. اِن لاءِ تون جيري خاطر ٻڪري ڪُهين ٿو. غريبن جا حق مارين ٿو. اِن بعد به تنهنجو لوپ ۽ لالچ وڌندي رهي ٿي .... تنهن لاءِ اي انسان! تون خود غرضيءَ جي غلاظت کان پري رهه ۽ اَمانت ۾ خيانت نه ڪري اِنسانيت واري راهه اختيار ڪر.

**نوان لفظ :**

سڳوُري = سڄي، سموري — لاطمع = اِڇا ڪانسواءِ — شهه ڏيڻ = مات ڏيڻ، هارائڻ

مُروَت = لحاظ — ميسر = موجود — عالماڻا = اوُچا — خيانت= ٺڳي

جيري خاطر ٻڪري ڪُهڻ = پنهنجي ٿوري فاعدي لاءِ ٻين جو گهڻو نقصان ڪرڻ

## اَڀياس

**سوال ١ : هيٺين سوالن جا جواب ٿوري ۾ لکو.**

(الف) وتائي فقير کي رمتو جوڳي ڇو ٿو چيو وڃي؟

(ب) وتائي فقير جي ٽوٽڪن ۾ ڪهڙو راز سمايل آهي؟

(ڀ) شاهوڪار جي شاديءَ تي وتائي فقير ڪهڙي ڳالهه محسوس ڪئي؟

**سوال ٢ : هيٺيان جملا ڪنهن ڪنهنکي چيا آهن؟**

١) ”کائو، کائو، خوب کائو، اَوهانجي ڪري مونکي به کائڻ لاءِ مليو آهي.“

٢) ” واه! رب واه!“



Downloaded from https:// www.studiestoday.com

Downloaded from https:// www.studiestoday.com

سوال ٣ : خال پريو .

١) وتائي فقير جي هلت چلت اَهڙي هوندي هئي جو ڪي ماڻهو کيس ........................ ڪري سمجهندا هئا.

٢) اللهه سائين! دُعا نه ٻڌين ته نه ٻُڌُ ، پر ........................ ته نه ڏي

٣) لڪي نيت ڪونه ڊِنئِہ باقي ........................ سو موڪلي ڏنئہ.

سوال ٤ : (الف) ضد لکو :-

مالڪ، اندر، عزت، دُعا، وڏو

(ب) صفتون ٺاهيو :-

مشهوري، شانُ، ڏينهن، اِيمان، مطلب

## پورڪ اَڀياس

١. تڪرتي عملي ڪم

وتائي فقير جا ٽوٽڪا ........................ راهه اختيار ڪر.

(i) مناسب لفظ چوکنڊن ۾ لکو :-

سبق ۾ [ ] ← وتائي فقير جا ٽوٽڪا → ڪلائين ۾ [ ]

(ii) برئڪيٽ ۾ ڏنل لفظن مان مناسب جواب ڳولهي ليڪ ڏنل لفظ بدلايو.

(ڳجهه، اَمانت، خود مطلبي)

(١) تون خود غرضيءَ جي غلاظت کان پري رهه.

(٢) جن ۾ اصل راز سمايل آهي.

(iii) ’سِڪ ۽ سچائي‘ ساڳئي اَکر ’س‘ سان شروع ٿيندڙ لفظ آهن. اَهڙا جوڙا ڳولهيو جيڪي ساڳئي اکر سان شروع ٿيندڙ هجن.

(iv) اِنسان وتائي جي ٽوٽڪن مان گهڻو ڪجهه سکي سگهي ٿو.
اِن بابت پنهنجا ويچار لکو.

٢. وتائي فقير جو ٻيو ڪو قصو پڙهي، ڪلاس ۾ ٻڌايو.

C6LGB5



Downloaded from https:// www.studiestoday.com

Downloaded from https:// www.studiestoday.com

# 3. نئون يڳ

منوهر چڳهه، آڪاشواڻي ممبئي اِستيشن تي سنڌي سيڪشن ۾ پروگرام ايگزيڪيوٽو آفيسر طور خدمت انجام ڏيندي سنڌي ڪلچر کي فروغ ڏيڻ لاءِ هر ممڪن ڪوشش ڪندي اُتان رٽائرمينٽ ورتي. هن جون ڪيترين ئي ڪهاڻيون ريڊيو تان نشر ٿي چڪيون آهن ۽ سندس ٻه ڪهاڻي سنگره ’نئون يڳ‘ ۽ ’رات گذري ويندي‘ لکيل آهن.

اڄ جي سڀيه سماج ۾ عورت کي مرد جي سمان حق ڏيڻ سان گڏوگڏ سندس عزت ۽ آبرو وڌائڻ لاءِ موجوده ڪهاڻيءَ جي پلاٽ جي گهڙت ڪيل آهي.



ديوان چئنراءِ جي موت کان پوءِ ڏهين ڏينهن ڪريا ڪرم لاءِ سندس پٽني راڌا پنهنجي ڌيءَ ڪملا کي ساڻ ڪري ديوان جي سنڪن جو ڪلش کڻي ناسڪ ۾ گوداوري نديءَ جي تٽ تي اچي پهتي. پنڊي جي سامهون ڪلش رکي چيائين :

”منهنجي گهوٽ جي سنکن جو ڪلش آهي. جل پروان ڪرڻو آهي پٽا جو ڪريا ڪرم ان جي ڌيءَ ڪملا ڪندي.“

پنڊو ڪڏهن ڪلش کي ته ڪڏهن ڪملا جي چهري کي ڏسي رهيو هو. جڏهن ڪوبه فيصلو ڪونه ڪري سگهيو تڏهن پوٿيءَ جا ورق ورائيندي چيائين :

”شاسترن ۾ پراڻيءَ جي ڪريا ڪرم جو حق پٽ جي سنتان کي ئي ڏنو ويو آهي. ڪنيا ته ڪريا ڪرم ڪري ئي نٿي سگهي. پراڻيءَ جي سدگتيءَ لاءِ ڪريا ڪرم شاسترن پٽاندڙ هئڻ گهرجي.“

اهو چئي پنڊو چپ ڪري ويهي رهيو. راڌا جي ڪنن تي پنڊي جا اکر پوريءَ ريت پيا يا نه خبر ڪونه آهي. پر ايترو ضرور سمجهه ۾ آيس ته ڪريا ڪرم لاءِ هن جي پٽ ونود جي ضرورت آهي. راڌا سچ ته ماضيءَ جي تصويرن ۾ کوهجي ويئي.



Downloaded from https:// www.studiestoday.com

Downloaded from https:// www.studiestoday.com

چار سال اڳ ..... ممبئيءَ جو سهارا هوائي اڏو .... رات جا ٻه وڳا هئا! ديوان چئنراءِ جو سمورو پريوار هن جي زال راڌا ۽ ڌيءُ ڪملا، ونود کي آمريڪا وڃڻ لاءِ هوائي جهاز ۾ چاڙهڻ لاءِ آيل هئا. ونود، ديوان چئنراءِ جو سڪيلڊو پٽ هئو. هن هينئر ئي M.Sc فرسٽ ڪلاس ۾ پاس ڪئي هئي. ڪيميڪل ٽيڪنالاجيءَ ۾ Ph.d ڪرڻ لاءِ هو آمريڪا وڃي رهيو هو. ونود کي ڇڏي باقي سڀني جا چهرا لٿل هئا. راڌا جي اکين ۾ ڳوڙها تري رهيا هئا. هوءَ انهن ڳوڙهن کي روڪڻ جي پوري ڪوشش ڪري رهي هئي. ڪملا ٻه پاڻ کي جهلُ ڏيڻ لاءِ اُڌ ڪلندي اَڌ رُئنديءِ پيءُ سان هٿان هٿان جون ڳالهيون ڪري رهي هئي. پر ديوان صاحب ته ڪنڌ هيٺ ڪري ڪنهن ڳوڙهي ويچار ۾ هو. اوچتو انائونسمينٽ ٿي :

”نيويارڪ ڏانهن ويندڙ فلائيٽ نمبر 304 جا ياتري هوائي جهاز ڏانهن روانا ٿين.“

ونود اُٿيو. پهريائين ماءُ کي ۽ پوءِ پيءُ کان پيرين پيئي موڪلاياڻين. ڪملا کي سڪ سان ڀاڪر پاتائين. ڪنهن جي زبان مان هڪ اکر به ڪونه اُڪليو. ونود هڪ وڏي هال ڏانهن پنهنجن کان پري هلندو ويو. ٽي جسم ان وڇوڙي کي ڏيسنائين ڏسندا رهيا؛ جيستائين ونود هڪ موڙ تان مڙندي اکين کان اوجهل ٿي ويو. ديوان صاحب لاءِ هيءُ وڇوڙو سهڻ محال هو. هو ير ۾ پيل ڪرسيءَ جو سهارو وٺي ويهي رهيو. هن جي اکين ۾ ڳوڙها تري آيا.

راڌا گهر پهچي پنهنجو صبر وڃائي ويٺي وڏي واڪي ديوان کي چيائين :

”جي پٽ ۾ ايترو موهه اٿوَ ته هن کي پرديس وڃڻ ئي ڇو ڏنوَ. هاڻي ڇا ٿيندو منهن سُڃاڻڻ مان يا اونڌي منجي پائڻ مان! پڙهڻ ويو آهي ڪو عمر ير لاءِ ته ڪونه ويو آهي. جلد واپس اچي ويندو. ”ايڏو موهه ڪو نهي تو! پاڻ کي همٿ ڏيو!“

ديوان چئنراءِ آهستي وراڻيو : ” هن گهر ۾ منهنجي ڪير تو ٻڌي، سڀني کي پنهنجي مت آهي. ونود کي موڪل ڏيڻ لاءِ منهنجي مرضي اصل ڪونه هئي پر اڄ ڪالهه جي نوجوانن کي ڪير سمجهائي. چون، هت ڇا رکيو آهي، نه آهي پڙهائيءَ جو قدر، نه آهي جيون جو سکه. پر سچ اهو آهي راڌا، ته هيءَ پيڙهيءَ پنهنجي سک لاءِ پريشان آهي. هنن کي وڏن جي سڪ ۽ پيار جو ڪوبه اونو ڪونه آهي. نه آهي هنن کي پنهنجي ماءُ پيءُ جو خيال ۽ نه پنهنجي ديش سان لڳاءُ : سڀ جو سڀ خود غرض ٿي پيا آهن. خير! جتي به هجي، ڀل خوش هجي! اسان جو ڇا! اسان ته پنهنجا ڏينهن ڪاٽي چڙهيا آهيون.“

ديوان هڪ ٿڌو شوڪارو ڀري اُٿي ڪڙو ٿيو.

وقت پنهنجي رفتار سان هلندو رهيو، ٽي سال گذري ويا. ونود جي Ph.d لاءِ ٿيسز تسليم ڪئي ويئي. هن کي آمريڪا جو گرين ڪارڊ ملي ويو هئو. ونود هاڻ ڪنهن ريسرچ ليبارٽريءَ ۾ کوج جو ڪاريه ڪري رهيو هئو. ونود جي آيل خط ۾ راڌا ۽ ديوان صاحب کي فقط اها ئي خبر جاڻڻ جي اُتسڪتا هئي ته ونود ڪڏهن تو گهر واپس اچي : پر هر خط ۾ اها خبر غير موجود هوندي هئي. هر خط پڙهڻ کان پوءِ هنن کي ڪيترن ڏينهن تائين ملول رهڻو پوندو هو. وري نئين سر ٻئي خط جو اِنتظار شروع ٿيندو هو. راڌا پنهنجي پتار کي ڏڍ ڏيڻ لاءِ چوندي هئي .

”توهان اَجايو ٿا پريشان ٿيو. ڀکي ٻه هر شام پنهنجن آکيڙن ڏانهن واپس ورندا آهن. اسان جو ونود ته انسان آهي. هڪ ڏينهن ضرور واپس ايندو.“

پريشان ديوان صاحب کي اهو دليل ڪونه آئڙيو چيائين :

”راڌا! جن کي پرديس جو چشڪو لڳو آهي ۽ پنهنجي وطن کي، پنهنجي گهر کي دور ڪري ٿا پائين : سي پر ڪٽيل پکين جيان آهن. هنن وٽان پنهنجي آشيانن ڏانهن واپس ورڻ جي اميد ڪرڻ ناداني آهي. منهنجو من تو چوي ته هاڻ هن جو منهن ڏسڻ منهنجي نصيب ۾ نه آهي.“

ديوان چئنراءِ کي وڏي عمر ۾ پنهنجي پٽ جو وڇوڙو کُهٽي جيان ڪاٽي رهيو هو. نبل سرير ست سهي ڪونه سگهيو ۽ وڃي ڊاڪٽر جي پڙ پيو. ڊاڪٽرن هن جي بيماريءَ کي نالو ڏنو. ’هارٽ انجائنا‘ يعني دل جي ڪمزوري ديوان صاحب بسترو پڪڙيو. راڌا ۽ ڪملا ڏينهن رات هن جي شيوا ۾ لڳيون رهيون.

هڪ ڏينهن ڪملا پنهنجي ڀاءُ کي هڪ مختصر خط لکيو.

”پريه ونودا!

دادا دل جي بيماريءَ جو شڪار ٿي پيو آهي. دوا درمل ٿئي پيو. ڪجهه فائدو به اَٿس. مان سمجهان ٿي ته دادا تنهنجو وڇوڙو جهيلي نه تو سگهي، ٿي سگهيئي ته سڀ ڪجهه ڇڏي واپس هلي اڇ. تو بن هيءُ گهر اُباڻڪو ٿي پيو آهي.

ونود خط جو جواب ٽن مهنن کان پوءِ ڏنو. خط نه هو. ناسور، نشتر، ٽنبڻ جي برابر هو.



Downloaded from https:// www.studiestoday.com

Downloaded from https:// www.studiestoday.com

پريه ڪملا !

تنهنجو خط پڙهي مان اِن رايي تي پهتو آهيان ته اسين سڀ پارتواسي هميشه سينٽيمينٽل يعني ڀاوُڪ آهيون ۽ حقيقت جي پرک اسان ۾ ڪونه آهي. اِن سببان ئي اسان پنتي پيل آهيون. مان اهم ڪوج ڪاريه ۾ مشغول آهيان ۽ ايندڙ ٽن چئن سالن تائين وطن ورڻ جو سوچي به نه ٿو سگهان. جيڪڏهن منهنجو ڪوج ڪاريه سڦل ٿيو ته مونکي آمريڪا سرڪارِ طرفان اِنعام ملندو. دادا کي اها جهرڪ ۽ جهرڪيءَ جي ڪهاڻي ياد ڏيارائج جيڪا هو ننڍي هوندي اسان کي ٻڌائيندو هو. هڪ جهرڪ ۽ جهرڪيءَ هڪ آکيڙو اڏين ٿا. آکيڙي ۾ ننڍڙا چوزا جنم وٺن ٿا، آکيڙي ۾ چوُن چوُن جي آنندميئه گونج ٿئي ٿي. جهرڪ جهرڪي چوُزن لاءِ هتان هُتان ڪاڌو آڻي رکن ٿا. چوُزن کي کارائين ٿا. چئن هفتن ۾ چوزا وڏا ٿين ٿا. پيءُ ۽ ماءُ هنن کي اُڏامڻ سيکارين ٿا. هڪ ڏينهن اهي چوُزا پيءُ ۽ ماءُ کي ڇڏي ڦر ڪري اوچي آسمان ڏانهن پنهنجا پنکه پکيڙي اوچي اُڏام پرين ٿا ۽ بس....

هڪ نئين شخصيت جو نرماڻ ٿئي ٿو. شايد نئين يُگه جي به اها ئي ڪهاڻي آهي.

ڪملا! مان هن خط سان پنهنجي دوست جينيءَ جو فوٽو موڪلي رهيو آهيان. اُميد توکي ضرور پسند ايندءُ. جيني هاڻ مون سان ئي گڏ رهندي آهي .

ڪملا ۽ راڌا اها چٺي ديوان کي ڪونه ڏيکاري. راڌا چٺي پڙهي ٽُڪرا ٽُڪرا ڪري ڦاڙي ڦٽي ڪري ڇڏي. هن من ئي من ۾ فقط ايترو چيو :

”نالائق! اسان اِنسان آهيون. اسين نه ڊور آهيون ۽ نه پکي آهيون. دل ته چوي ٿي ته توکي کو پاراتو ڏيان، پر نه جت هُجين شل آباد هُجين، شل ڪوسو واءُ نه لڳيئي!

ونود جي اُن چٺي اچڻ کان هڪ مهنو پوءِ جي ڳالهه آهي، ديوان هڪ ڏينهن صبوح جو ننڊ مان اُٿيو. راڌا کير جو گلاس آڻي هن جي هٿ ۾ ڏنو. ڪملا پنهنجي پيءُ جي پاسي ۾ ويٺي هئي. ديوان هڪ ڍُڪ کير جو پِيو چهري تي مڌر مسڪراهٽ هئس، چيائين.

”راڌا! رات سپني ۾ ونود ڏٺم، وڏو ماڻهو ٿي ويو آهي تون به هاڻي نُنهن جي تلاش شروع ڪري ڇڏ، ونود ايندو ته جلد ئي اُن جي شادي ڪرائي ڇڏبي. “ راڌا موڙهو ڏيئي اُٿي کڙي ٿي. ويندي ويندي چيائين..

”موهه جي ڦاسي ڇڏيو. پنهنجي صحت جو خيال ڪريو. سپنا ڏسڻ بند ڪريو. سچ اهو آهي ته ونود هاڻي واپس ڪونه ايندو. هو وني به اُتي ئي وڃي ويٺو آهي.“

ديوان صاحب جي مُنهن جو پنو لهي ويو، کير جو گلا س هن جي هٿ مان ڪري پيو، هن جو ڪنڌ لڙڪي ويو، ڪملا کان رڙ نڪري ويئي. راڌا ڊوڙي آئي، ائين ئي سڀ ڪجهه سماپت ٿي ويو. ڪملا ڀاءُ کي ٽيليفون ڪرڻ جي لاءِ ٽيليفون جو چوغو هٿ ۾ ڪنيو ته ماڻس پريان ئي رڙ ڪري چيس.

”خبردار جي ڀاءُ کي فون ڪيو اٿيئي!، هاڻ هو ڇا اچي ڪندو، مان هن جو مُنهن به ڏسڻ نٿي چاهيان. هوُ هڪ ڪنگال اِنسان آهي. هو ڇا ماءُ پيءُ جو قرض چُڪائي سگهندو! مان هن کي اِن قرض کان مُکت ٿي ڪري ڇڏيان. “

ڪملا ٽيليفون جو چوغو هيٺ رکي ڇڏيو.

ديوان جي موت کان پوءِ سيني مٿن مائٽن راڌا کان ونود جي اچڻ جي بابت پڇيو، پر هن ڪنهن کي سنئون جواب ڪونه ڏنو، ڪن ڪيس صلاح ڏني ته :

”راڌا! تون ديوان جي سنڪن جو ڪلش رکي ڇڏ، جڏهن ونود آمريڪا مان واپس ايندو تڏهن هو هردوار يا ناسڪ ۾ وڃي سنڪن کي جلد پروان ڪري ايندو. اهو فرض هُن جو آهي.“

راڌا نهر مان وراڻيو : ”مان ونود لاءِ ڇو ترسان! ڪريا ڪرم جو فرض هاڻ ڪملا تي آهي. منهنجي لاءِ ڌيءُ ۽ پُٽ ۾ ڪوبه فرق نه آهي. زمانو بدليو آهي، قانون بدليو آهي، پوءِ سماج ڇو نه ٿو بدلجي! ڪيترو وقت پُٽ پُٽ ڪري پيو جيئبو. ٻنهي کي ساڳيا حق آهن ته پوءِ ٻنهي جا ساڳيا فرض ڇو ڪين آهن. ڏهين ڏينهن سنڪن جو ڪلش ڪملا ئي پروان ڪري پنهنجو فرض پورو ڪندي. اِن لاءِ هن کي ڪير به روڪي نٿو سگهي.“ راڌا اُن اديش سان ئي ديوان جي موت کان ڏهه ڏينهن پوءِ ناسڪ ۾ اچي گوداوريءَ نديءَ جي تٽ تي پهتي هئي.



Downloaded from https:// www.studiestoday.com

Downloaded from https:// www.studiestoday.com

خبر نہ آهي راڏا اڃان ڪيترو وقت ماضيءَ جي تصويرن ۾ ڪوهيل رهي ها، پر ڪملا پنهنجي ماءُ ڪي ويچارن ۾ ٻڏل ڏسي سندس هٿ پڪڙيو ۽ چيائين :

”مما! هاڻي ڇا ڪريون؟ پنڊو تہ ڪريا ڪرم ڪرائڻ لاءِ تيار ڪونہ آهي.“

ڏيءُ جو آواز ٻڌي جڻ راڏا ننڊ مان جاڳي اُٿي. ڏيءَ کي چيائين :

”ڪڻ ڪلش! هل مون سان! اهو فرض اڄ ڏيءُ کي ئي نڀائڻو پوندو!“

نديءَ جي تيز وهندڙ ڌارا ۾ ماءُ جي آديش سان ڪملا سنڪن جو ڪلش اونڌو ڪري سنڪن کي جل پروان ڪيو. ٻنهي ماءُ ۽ ڏيءُ گڏجي گوداوريءَ کي پرڻام ڪيو. راڏا پنهنجي ڏيءُ جي مٿي تي هٿ رکيو ۽ چيائين :

”ڪملا پُٽ تو اڄ پنهنجو فرض پورو ڪيو!“

پري کان پنڊو اکيون ٽمٽائي نئين يگ کي ڏسندو رهيو.

---

**نوان لفظ :**

سَنک - هانيون   ڏي - اَڻت   پتار - گهوت   اوجهل - غائب

وني - ڪنوار   آئڙڻ - وٺڻ   ڪوسو واءُ لڳڻ - تڪليفون ڏسڻ

## اَڀياس

**سوال ١ : هيٺين مان هرهڪ جو جواب هڪ ٻن جملن ۾ لکو:-**

(i) ونود آمريڪا ڇو ويو هو؟

(ii) ديوان چٽنراءِ جي پٽ جي وڇوڙي ۾ ڪهڙي حالت ٿي؟

(iii) ڪملا پنهنجو فرض ڪيئن پورو ڪيو ؟

(iv) راڏا ديوان چٽنراءِ کي وڏي واڪي ڇا چيو؟

**سوال ٢ : هيٺين سوالن جا جواب ٿوري ۾ لکو :-**

(i) پُٽ ۽ ڏيءَ بابت راڏا جا ڪهڙا ويچار هئا؟

(ii) ڇوڪرين کي ڪهڙا قانوني حق مليل آهن؟

**سوال ٣ : ساڳي معنيٰ وارن لفظن جا جوڙا ملايو :-**

| (الف) | (ب) |
|---|---|
| هانيون | مُشڪل |
| ڏي | سنڪ |
| مُحال | آڻتُ |
| اُٻاڻڪو | ڪنارو |
| غائب | اڪيلو |
| تٽ | اوجهل |



Downloaded from https:// www.studiestoday.com

Downloaded from https:// www.studiestoday.com

(ب) هيٺيان جملا ڪنهن، ڪنهن کي چيا آهن :-

(١) ”منهنجي گهوٽ جي سنڪن جو ڪلش آهي.“

(٢) ”ايڏو موهه ڪو نهي تو!“

(٣) ”اسين سڀ پارتواسي هميشهه سينٽيمينٽل يعنيٖ ڀاوُڪ آهيون.“

سوال ۴ (الف) ضد لکو :-

وڇوڙو، جنم، آباد، حاضر

(ب) صفتون ناهيو :-

دردُ، سال، شخص، پريشاني، وهم

(ث) هيٺين اصطلاحن جي معنيٖ ڏيئي جملن ۾ ڪم آڻيو.

ڪوسو واءُ نہ لڳڻ، اوجهل ٿيڻ، ڏي ڏيڻ، منهن جو پنو لهي وڃڻ

(د) وياڪرڻ موجب ٻالهائڻ جا لفظ سڃاڻو :-

مان، لاءِ ، ايماندار، شاباس، ڪلش.

## پورڪ اَڀياس

١. تڪر تي عملي ڪم :-

وقت پنهنجي رفتار سان ................................ هن جي شيوا ۾ لڳيون رهيون.

(الف) راڌا پنهنجي گهوٽ کي دلاسو ڏيڻ لاءِ چوندي هئي.

(ب) ڪمزور سرير صدمو سهي نہ سگهيو.

(ڀ) وقت نہ رُڪيو.

(پ) توهان ناحق وياڪل ٿيو ٿا.

(ii) تڪر ۾ انگريزي لفظن جو اِستعمال ٿيل آهي مثال گرين ڪارڊ وغيره اَهڙا لفظ ڳولهي لکو :

(iii) هڪ سٽ ۾ جواب ڏيو :-

(الف) ونود ڪهڙي ڊگري حاصل ڪئي؟

(ب) دل جي بيماريءَ جو نالو لکو.

(iv) پرديس ۾ ويندڙ ’پَرَ ڪٽيل پکين جيان آهن‘ اِن سٽ جي سمجهاڻي لکو :-



Downloaded from https:// www.studiestoday.com

Downloaded from https:// www.studiestoday.com

(v) جوڙا ملايو : -

| | |
|---|---|
| (۱) آشيانا | (۱) بيوقوفي |
| (۲) وطن | (۲) گهر |
| (۳) ناداني | (۳) صحيح سبب (ترڪ) |
| (۴) دليل | (۴) ديش |

(vi) مثال سمجهي خاڪو پورو ڪريو :

| ڏنل لفظ | صفت | اِسم |
|---|---|---|
| پريشان ديوان صاحب | پريشان | ديوان صاحب |
| وڏي عُمر | ................. | ................. |
| ................. | ................. | سرير |
| ................. | ٿي | ................. |

2) اُپٽار لکو : 'دوست اُهو جو اوکي ويل ڪم اَچي.'

3) ڏنل مثال موجب خالن ۾ مناسب لفظ لکو :

اکر : ر، يہ، ت

جملا : (۱) ڪمان مان نڪتل ................. واپس نہ ايندو .

(۲) اَڄڪلهہ تہ ڏياريءَ تي ڪانا ٻارڻ هڪ سُني ........... سمجهي ويندي آهي.

(۱) اکر : س، ق، م

جملا : (۱) ڪورٽ ۾ شاهدي ڏيڻ کان اڳ۾ ......... ڪٽڻو پوندو آهي.

(۲) وقت گذرندي ................... ئي نہ پئي آهي.

(۲) اکر : ر، گ، ن

جملا : (۱) اسان جي ................. ۾ شاهي گُلن جو نماءُ ٿيو.

(۲) قدرت جا عجيب .............. آهن.

(۳) اکر : ر، ز، و

جملا : (۱) ................. اوير کان سڄ اُڀرندو آهي.

(۲) سنيتا ڪاوڙ وچان ............ سان دروازو بند ڪيو.

(۴) اکر : ر، ڳہ، و

جملا : (۱) سامان .............. هو، ڪوليءَ کي سڏ ڪرڻو ئي پيو.

(۲) واهڻن جي دونهن سبب ڦڦڙن جا ............... وڏي ويا آهن.

(۵) اکر : ع، م، ل

جملا : (۱) .............. اِنسان جي ٽين اکہ آهي.

(۲) علم ..................... بنا اَڌورو آهي.




Downloaded from https:// www.studiestoday.com

Downloaded from https:// www.studiestoday.com

# 4. منگل يان

هي سبق سمپادڪ منڊل پاران تيار ڪيو ويو آهي. هن سبق ۾ منگل يان بابت ڄاڻ ڏني ويئي آهي.



24 سيپٽمبر 2014 جو ڏينهن : ڀارت جي بئنگلور ۾ اِسرو جي مشن ڪنٽرول روم ۾ پرڌان منتري شري نريندر مودي (ISRO) ۽ اسرو جا وگيانڪ تواريخ ڪي ٺهندو ڏسي رهيا هئا. سندن نظر هئي ڀارت جي مارس آربٽر مشن (MOM) يعنيٰ منگل يان جي منگل گرهه جي دائري (orbit) ۾ داخل ٿيڻ تي. ڀارت دنيا جو پهريون ديش بڻجڻ وارو هو جيڪو پنهنجي پهرين ئي ڪوشش ۾ منگل گرهه تي ڪو هٿرادو اُپگرهه (Artificial Satellite) پهچائڻ وارو هو.

حقيقت ۾ اهو سفر شروع ٿيو 2012 ۾، جڏهن ڀارت جي وگيانڪن منگل گرهه تي هڪ آربٽر موڪلڻ جو فيصلو ڪيو. تياريون ڪرڻ ۾ هڪ سال لڳي ويو. آڪٽوبر 2013 ۾ منگل يان کي اوڙيسا جي شري هري ڪوٽا جي ستيش ڌون اِسپيس سينٽر مان پولا ر (Space) ۾ ڏکلڻ جون تياريون شروع ٿيون. ان ڪم لاءِ اِسرو جي وگيانڪن چونڊيو پنهنجي پروسيمند راڪيٽ PSLV C-25 کي. ان راڪيٽ جي اوچائي 15ماڙن واري عمارت جيتري آهي. وگيانڪن وٽ وقت گهٽ هو ڇو جو اُپگرهه کي منگل گرهه تي پهچائڻ جي ٻي سهوليت پري تاريخ 26 مهنن کانپوءِ هئي.

وگيانڪن هڪ انوکي رٿا پيش ڪئي. جنهن موجب منگل يان کي پهرين ڌرتيءَ جي دائري ۾ اُڇلائڻو هو. ڏيري ڏيري انجي رفتار وڌائي انکي ڌرتيءَ جي اثر جي دائري (sphere of Influence) کان ٻاهر موڪلي، منگل گرهه ڏانهن اڳتي وڌائڻو هو. MOM جي لانچ کانپوءِ انجي پل پل جي ڄاڻ ڪپندي هئي.
ان
وگيانڪن سڄي دنيا ۾32 گرائونڊ اِستيشن ٺاهيون. وگيانڪن ڏکڻ پئسفڪ مهاساگر ۾ ٻه ائنٽينا لڳل جهاز موڪليا پر اُن وقت ئي پهرين مشڪلات اڳيان آئي.

مهاساگر ۾ مؤسم خراب هئڻ سبب جهاز وقت تي اُتي پهچي نه سگهيا ان ڪري لانچ جي تاريخ هڪ هفتو اڳتي وڌائي 5 نومبر 2013 طئه ڪئي ويئي. مقرر ڏينهن تي ڪامياب لانچ ٿيو. لانچ جي چوٿين ڏاڪي ۾ منگل يان راڪيٽ کان الڳه ٿيو ۽ ڌرتيءَ جي دائري ۾ پهتو ، اهڙي ڄاڻ ٻئي جهاز ڏني. ڪنٽرول سينٽر ۾ خوشي ڇانئجي ويئي.

منگل يان جو آڪار هن آٽو رڪشا کان گهٽ پر وزن اٽڪل ان کان ٽيڻو آهي. ان ۾ لڳل اُپڪرڻ تمام ننڍا ۽ هلڪا آهن. منگل يان جو دماغ هڪ بهترين سسٽم آهي. جيڪو ڪروڙين ڪلوميٽر مفاصلي تي ڪنٽرول



Downloaded from https:// www.studiestoday.com

Downloaded from https:// www.studiestoday.com

روُم سان رابطو رکڻ ۾ پاڻ فيصلا وٺڻ جو ڪم ڪري ٿو. ان کي شڪتي شمسي (Solar) پئنلس مان ملي ٿي. انجي غير مؤجودگيءَ ۾ ليٿيئم آين بئٽري ڪم ڪندي آهي. منگل يان ۾ جلائو پدارٿ (Fuel) محدود هئا، جيڪا مشن لاءِ هڪ وڏي مشڪلات هئي.

لانچ ڪانپوءِ منگل يان ڌرتيءَ جي دائري ۾25 ڏينهن رهيو. انجو دائرو ڏيري ڏيري وڌائڻ لاءِ وگيانڪن انجي انجڻ 6 دفعا فائر ڪئي. پر چوٿين دفعي ۾ هڪ ڏکيائي پيش ٿي. منگل يان جي انجڻ صحيح نموني شروع نہ ٿي جنهن ڪري اُن ضروري رفتار حاصل نہ ڪئي. وگيانڪن جوکم کڻي وري انجڻ تي فائر ڪئي ۽ انجي رفتار دُرست ڪئي. ڌرتيءَ جي اثر جي دائري کان ٻاهر نڪرندي منگل يان موڪلائي سنديش جي روُپ ۾ ڌرتيءَ جي هڪ سُهڻي تصوير موڪلي.

منگل يان 20 ڪ. م. في سيڪنڊ رفتار سان منگل گرهہ ڏانهن اڳتي وڌي رهيو هو. هاڻي انجي انجڻ بندڪئي ويئي. ان قريبن ڳاٽ رهت رستي تي هوُ 300 ڏينهن وڌڻ وارو هو. وگيانڪن جو اهو ويچار آهي تہ منگل گرهہ تي زندگيءَ جي شروعات جا راز مؤجود آهن. ڪيترن ئي ڳالهين ۾ اهو ننڍڙي ڌرتيءَ وانگر آهي. انجي سطح ڪافي ڪجهہ ڌرتيءَ وانگر آهي. انجو هڪ ڏينهن 24 ڪلاڪن کان ٿورو وڌو ٿيندو آهي. منگل جو 1 سال ڌرتيءَ جي2 سالن جي برابر آهي. منگل گرهہ تي ڪنهن شيءِ جو وزن ڌرتيءَ جي ڀيٽ ۾ هڪ ڀاڱي ٽي حصو هوندو آهي. ماهر ن جي راءِ موجوب ڪجهہ ڏهاڪن کان پوءِ ماڻهو شايد منگل تي بستي وسائن.

منگل يان کي ائين ئاهيو ويو آهي جيئن هو پولار ۾ بيحد گرمي ۽ ٿڌ جو مقابلو ڪري سگهي. منگل يان کي پنهنجي صحيح رستي تي بڻائي رکڻ ۾ وگيانڪن خوب محنت ڪئي. ان لاءِ هنن تارن ۽ ٻين آسماني جسمن جي مدد ورتي. منگل يان سان رابطي جو ڪم ڪري رهيو هو. بئنگلوُر ويجهو بيالوُ ۾ هوندڙ لائوڊ مائوٿ يعني ڊيپ اسپيس ائنٽينا جيڪو پولار مان آيل ڪمزور سگنل کي بہ جهٽي پيو سگهي.

منگل يان هاڻي منگل گرهہ ويجهو پهچڻ وارو هو. وگيانڪ چنتا ۾ هئا ڇاڪاڻ تہ منگل يان جي انجڻ 300 ڏينهن کان بند هئي. منگل يان ڄڻ تہ 9 مهنا ڪوما ۾ هو. منگل يان کي منگل گرهہ جي دائري ۾ داخل ڪرائڻ لاءِ انجڻ وري شروع ڪرڻي هئي. رفتار بہ ايتري رکڻي هئي جيئن اهو دائري کان دوُر بہ نہ ٿئي ۽ نہ وري داخل ٿي ٻاهر نڪري وڃي. وگيانڪن 22 سيپٽمبر 2014 تي انجڻ شروع ڪري ڏني جيڪا ڪامياب ويئي. منگل يان جي رفتار گهٽائي ويئي.

پر مکيہ ڏهاڪو اڃا باقي هو. منگل يان دائري ۾ داخل ٿيندي ئي منگل گرهہ جي پٺيان لڪڻ وارو (انکي گرهڻ يعني Sight of Non Visibility چئجي ٿو) جتي انجو ڪنٽرول روم سان رابطو ٽُٽڻ وارو هو. منگل يان کي هاڻي پاڻ فيصلا وٺڻا هئا. ان لاءِ انکي سوُريہ شڪتيءَ جي گهرج هئي پر منگل جي پٺيان وڃڻ تي سوُريہ شڪتيءَ جي غير مؤجودگيءَ ۾ ان ۾ لڳل ليٿيم آين بئٽري ڪم ڪرڻ واري هئي.
وگيانڪن جو متو هو. ‘Hope for the best prepare for the worst’ 24 سيپٽمبر 2014 تي منگل يان منگل گرهہ جي دائري ۾ داخل ٿي ويو. اُن پنهنجي انجڻ وري شروع ڪئي. هاڻي اهو پنهنجي بئڪ اپ بئٽريءَ تي ڪم ڪري رهيو هو. اُن جو مشن ڪنٽرول سان رابطو ٽٽي چڪو هو ۽ ٻيو سنگل 25 منٽن ڪانپوءِ ملڻو هو مشن ڪنٽرول روُم ۾ خاموشي ڇانئجي ويئي. گرهڻ ختم ٿيندي ئي منگل يان ڦريون سگنل موڪليو. منگل يان ڪاميابيءَ سان منگل جي دائري ۾ داخل ٿي چُڪو هو. پرڌان منتري ۽ وگيانڪن جي خوشيءَ جي حد نہ رهي. ڀارت جو مشن منگل يان ڪامياب ويو. ڀارت لڳہ ڀڳہ ناممڪن ڳالهہ ممڪن ڪري ڏيکاري.



Downloaded from https:// www.studiestoday.com

Downloaded from https:// www.studiestoday.com

**نوان لفظ :**

ڳاٽ = ٽڪر (Friction) رابطو = سمپرڪ (communication)

اِسرو (ISRO) = اِنڊين اِسپيس رِسر چ آرگنائيزيشن.

## اڀياس

**سوال : ١. هيٺين سوالن جا جواب هڪ ٻن جملن ۾ لکو :**

١) منگل يان ڪٿان لانچ ڪيو ويو؟

٢) منگل يان جي لانچ جي تاريخ ٻڌايو؟

٣) MOM جي پل پل جي ڄاڻ لاءِ وگيانڪن ڇا ڪيو؟

٤) ڌرتيءَ جي دائري ۾ منگل يان ڪيترا ڏينهن رهيو؟

٥) لائوڊ مائوٽ ڇا آهي؟

٦) منگل گرهه تي پهچڻ ڪان اڳ منگل يان جي انجڻ ڪيترا ڏينهن بند هئي؟

٧) منگل يان، منگل گرهه جي دائري ۾ ڪڏهن داخل ٿيو؟

**سوال : ٢. هيٺيان چؤڪندا پورا ڪريو :**

**منگل يان جي بناوت**

| | |
|---|---|
| آڪار | |
| اُپڪرڻ | |
| دماغ | |
| ٻئڪ اپ ٻئٽري | |

**سوال : ٣. هيٺين سوالن جا جواب ٿوري ۾ لکو :**

١) وگيانڪن لانچ جي ڪهڙي رٿا پيش ڪئي؟

٢) لانچ وقت پهرين مشڪلات ڪيئن حل ڪئي ويئي؟

٣) منگل گرهه بابت ڄاڻ لکو.

٤) منگل يان ڪي منگل گرهه جي دائري ۾ داخل ڪرائڻ لاءِ ڪهڙيون خبرداريون ورتيون ويون؟



Downloaded from https:// www.studiestoday.com

Downloaded from https:// www.studiestoday.com

سوال : ۴. ليڪ ڏنل لفظ وياڪرڻ موجب ڀاڱائڻ جا ڪهڙا لفظ آهن؟

۱) منگل يان کي صحيح رستي تي بٽائي رکڻ لاءِ وگيانڪن خوب محنت ڪئي.

۲) ڪجهه ڏهاڪن کان پوءِ ماڻهو شايد منگل تي بستي وسائن.

۳) منگل يان چڙهڻ تي 9 مهنا ڪوما ۾ هو.

۴) اُن جو هڪ ڏينهن 24 ڪلاڪن کان گهٽ هوندو آهي.

۵) ڀارت لڳ ڀڳ ناممڪن ڳالهه ممڪن ڪري ڏيکاري.

## پورڪ اَڀياس

۱) هيٺئين چارٽ پوري ڪريو :

(الف) PSLV ________________________________

(ب) GSLV ________________________________

۲) اوڙيسا جي شري هري ڪوٽا ۾ لانچ جو هنڌ ________________

۳) منگل يان کان اڳ وارو وڏو مِشن ________________

۴) منگل يان مِشن ۾ ڪم ڪندڙ وڏا وگيانڪ

________________________________

________________________________

۵. جيڪڏهن مان سائنسدان هجان........ تي مضمون لکو.

۶. پنهنجي دوست / ساهيڙيءَ کي گهمي آيل هنڌ بابت چارٽ ٻڌائيندي خط لکو.

C758EF



Downloaded from https:// www.studiestoday.com

Downloaded from https:// www.studiestoday.com

# 5. زبان

ڊاڪٽر نرملا نارائڻداس آسناڻي (1948) اَجمير راجستان ۾ ڄاول ڊاڪٽر نرملا نارائڻداس آسناڻي، سنڌي ۽ هندي ٻولين جي مقبول ودوان ليکڪا آهي. هندي ڪاويه سنگره ’اَپيڪشا‘ ۽ سنڌي پستڪ ’ڪُجهه فرصت ۾‘ قابل ذڪر اٿس.

هن مضمون ۾ زبان جي شڪتي تي پهلن تي سُٺي روشني وڌي اَٿس. هن وقت آديپور ڪڇ ۾ مُقيم آهي.

ننڍڙي زبان اِنساني جسم جو سدابهار جُزو آهي. جيڪا دنيا ۾ سڀ کان تيز ۽ طاقتور هٿيار مڃي ويئي آهي. بنا هڏيءَ جي ڏيڍ انچ جي هيءَ جڀ وڏا وڏا ڪونڊر ڪيرائي وجهي. وقت جي حڪومت اڳيان سڀ حواس پيش پئجي ويندا آهن، پر هيءَ سدائين جوان، اکين جي روشني جهڪي ٿي وڃي، ڪنن تي ٻوڙاڻ اچي وڃي، چمڙيءَ ۾ گهنج پئجي وڃن، پر هن مهاراڻيءَ تي ڪڏهن ڪوبه گهنج نه پوي. سندس چشڪو ۽ چوٽ تا عمر قائم دائم رهندي آهي. ويتر جيئن جيئن ٻيا انگ ڍلا پوندا وڃن. تيئن تيئن هن جو زور وڌندو وڃي.

گهٽن کي سوُرن ۾ وجهندڙ پاڻ هر دُک سوُر کان پري رهندي آهي. جڀ باوليءَ کي ته جيڪو ابتو سُبتو چوڻو هوندو آهي، اُهو چئي آرام سان ٻٽيهن ڏندن جي ڪوٽ ۾ وڃي وهندي آهي، پر موچڙا ته ٽپڻ مٿان ئي پوندا آهن. انڪري ايشور هن بي لغام گهوڙيءَ مٿان ضابطو رکندڙ دماغ ڏنو آهي. جيڪڏهن دماغ جي ويچار ڪانسواءِ هن کي ڇوٽ ڇڏبو ته پوءِ اِن بنديءَ جو خُدا ئي خير ڪري!

ڇهن پرڪارن جي رس وارن اگهه - الگهه ميون، مناين ۽ طعامن جي موَج هيءَ مهاراڻي وٺائيندي آهي. دنيا ۾ ان جي طاقت ايتري ته بي جوڙ آهي جو طعام ٺاهڻ ۽ کائڻ وارا ٿڪجي پون. پر هنجي ترشنا اوتري جا اوتري رهندي آهي. گهٽا سياڻا ۽ طاقت وارا به هن ٽُر زبان جا غلام بڻجي پوندا آهن. وائي سوُر جي ڪري چاهي گوڏا ونجي وڃن ته ونجي وڃن. پر هن پياريءَ جي دل رکڻ لاءِ به ڏک ڏيڊ جا پيئڻ جي پُل وڏا وڏا سياڻا به ڪري وهندا آهن. ڊائبٽيز جي هڪ گوريءَ بدران به گوريون ونٽيون پون، پر هن چٽوڙيءَ جي چوڻ تي هڪ چمچو يا رسگلو وات ۾ وجهڻ وارا لاچار اِنسان گهٽا ئي آهن.

هن نگريءَ کي ان ڳالهه جي پرواهه نه هوندي آهي ته جنهن شيءَ جي مان فرمائش ڪريان ٿي، اُن کي وٺڻ کائڻ ۽ پچائڻ جا وسيلا ميسر آهن يا نه؟ ڏند نه هئڻ تي به هن چريءَ کي ريوڙيون ۽ پُکڙا کائڻ جي دل ٿيندي آهي. پيٽ خراب هُجي ته به چشڪي لاءِ پڪوڙن کي پيٽ ۾ وجهندي ڪوبه کهڪاءُ ڪونه پوندو اٿس. اهڙي بي صبري هوندي آهي جو جيسين ڪيس ڪا گهربل شيءِ ملي تيسين ڳڳه ڳاڙي ٻين جي سامهون پٽ ڪار وڃائي ڇڏي.

کائڻ کان وڌيڪ ڳالهائڻ ۾ هن جهڙي زوردار ٻي ڪا شيءِ هن دنيا ۾ نه آهي. رامائڻ ۽ مهاڀارت جوُن لڙايون، مٿرا ۽ دروپديءَ جي زبان ڪري پيدا ٿيون. زبان کي جيڪڏهن ويچار جو ڪنڊو نه هوندو ته پوءِ ان جو نتيجو دُک ڪانسواءِ ٻيو ڪجهه نه ٿيندو.

چوندا آهن ته ”تلوار جو گهاو ڀرجي وڃي، پر زبان جو گهاو ڪڏهن نه ڀرجي سگهندو آهي.“ ڪڙي ۽ بدمزاج زبان عرش تان لاهي فرش تي ڦٽو ڪندي آهي. سالن جي سيٽيپي پل ۾ چوُر چوُر ڪري سڄڻ کي به دشمن بڻائي ڇڏي. ان ڪري اِن طاقت کي سياڻا ڏاڍي حفاظت سان رکندا آهن. ان نگريءَ جي چوڻ تي ڪاڏو نه ڪائي، پنهنجي صحت ٺاهيندا آهن. غصي اچڻ تي هن به ڌاري تلوار جهڙي زبان کي مات جي مياڻ ۾ رکي گهٽين مصيبتن کان پاڻ بچائي سگهندا آهن.

زبان ماڻهوءَ جي خانداني‌ءَ جو پئمانو آهي. تميز ۽ پريم سان ڳالهائڻ وارو هرهنڌ ڪامياب ويندو آهي. مٺي زبان روُح کي راحت بخشڻ واري آهي، چاهي اها ٻار جي طوطلي ٻولي هجي يا وري ماءُ جي لولي پريم ڀري گفتگوُ هجي يا ڪنهن درويش جو اُپديش سنسار کي وس ۾ ڪرڻ واري زبان کي اِنسان وس ۾ ڪري سگهي ته پوءِ شايد سچي خُدائي سندس قدمن ۾ ۽ خُدا سندس پر ۾ هُجي.



Downloaded from https:// www.studiestoday.com

Downloaded from https:// www.studiestoday.com

## نوان لفظ :

ڪونڌر = جانباز
عرش تان لاهڻ = نيچو نوائڻ
خئر = چڱڀ، ڀلائي
روح = آتما
گِگهہ ڳاڙڻ = موهت ٿيڻ
پت ڪار = عزت

گهاو = زخم
ٽِپڻ = مٽو
پئمانو = پرماڻ
بي صبري = اُبهرائي
راحت بخشڻ = سُکہ ڏيڻ
تا عمر = زندگي ڀر

جهڪي = گهٽ
حفاظت = بچاءُ
کهڪاءُ پوڻ = قياس پوڻ
چوُر چوُر ڪرڻ = ناس ڪرڻ، ختم ڪرڻ
ڀر = پاسي

## اَڀياس

**سوال ١ : هيٺين سوالن جا هڪ ٻن جملن ۾ لکو : -**

١) اِنساني جسم جو سدابهار جزو ڪهڙو آهي؟
٢) زبان جي طاقت کي بي جوڙ ڇو چيو ويو آهي؟
٣) زبان جهڙي بي لغام گهوڙيءَ مٿان ڪنهن جو ظابطو آهي؟
٤) ڪير ڪير زبان جا غلام بڻجي پوندا آهن؟
٥) ڪاميابي ڪنهن کي ملندي آهي؟
٦) سياڻا زبان کي حفاظت سان ڇو رکندا آهن؟

**سوال ٢ : هيٺين سوالن جا ٿوري ۾ جواب لکو :**

١) زبان کي وس ۾ ڪري سگهڻ سان ڇا ڇا ٿي سگهي ٿو؟
٢) 'تلوار جو گهاو ڀرجي وڃي پر زبان جو گهاوَ ڪڏهن بہ نہ ڀرجي' سمجهايو.
٣) 'زبان' سان لاڳو ٻيون چوڻيون لکو :

**سوال ٣ : هيٺين ۾ خال ڀريو : -**

١) موچڙا تہ .................. مٿان ٿي پوندا آهن.
٢) زبان ماڻهوءَ جي خانداني‌ءَ جو .......... آهي.
٣) ................ جي حڪومت اَڳيان سڀ حواس پيش پئجي ويندا.
٤) ................ زبان روح کي راحت بخشڻ واري آهي.

**سوال ٤: ساڳي معنيٰ وارن لفظن جا جوڙا ملايو : -**

| | |
|---|---|
| ١) پئمانو | مٽو |
| ٢) ٽپڻ | زخم |
| ٣) گهاوَ | آتما |
| ٤) روح | پرماڻ |



Downloaded from https:// www.studiestoday.com

Downloaded from https:// www.studiestoday.com

سوال ۵ (الف) : هيٺين لفظن جا ضد لکو :-

غلام، سياڻا، خراب، ڪامياب، اُبتو

(ب) هيٺين لفظن جون صفتون لکو : -

طاقت ، اِنسان، زبان، دنيا، ڪاميابي

(ت) هيٺين اِصطلاحن کي جملن ۾ ڪم آڻيو:-

پيش پوڻ،ڪهڪاءُ پوڻ، ڳَرُ ڳاڙڻ، وس ۾ ڪرڻ، چوُر چوُر ڪرڻ، راحت بخشڻ.

(د) وياڪرڻ موجب ڳالهائڻ جا لفظ سڃاڻو :-

۾، ننڍڙي، پر، سندس، ترشنا.

## پورڪ اڀياس

١) تڪرتي عملي ڪم

ڪائڻ ڪان وڏيڪ ڳالهائڻ ۾ ................................ خدا سندن پير ۾ هجي.

(i) جوڙا ملايو :

| | |
|---|---|
| رامائڻ | طوطلي زبان |
| مهاڀارت | لولي |
| ٻار | منترا |
| ماءُ | دروپدي |

(ii) چوکنڊا پورا ڪريو :

(الف) ماٺ جي [ ]  (ب) ڪڙي ۽ بدمزاج [ ]

(ت) پريم ڀري [ ]  (د) ٻہ ڌاري [ ]

(iii) ليڪ ڏنل لفظن بدران ڳول مان مناسب لفظ ڳولهي جملا وري لکو :

(١) زبان ماڻهوءَ جي خانداني‌ءَ جو پئمانو آهي.
(٢) اِنسان زبان کي وس ۾ ڪري سگهي ٿو.
(٣) زبان جهڙي زوراور ٻي ڪا شيءِ نہ آهي.
(۴) زبان عرش تان لاهي فرش تي ڦٽو ڪندي آهي.

ظابطو،
آسمان، گفتگو،
پرمانڻ، ايڪو، طاقتور ،
لڙائي



Downloaded from https:// www.studiestoday.com

Downloaded from https:// www.studiestoday.com

iv) اُهي سٽون ڳولهي لکو جيڪي هن ڏنل ٻن لفظن وچ ۾ لاڳاپو ڀڏائيندڙ هجن :-

(الف) زبان - ڪامياب (ب) زبان - خاندان

(پ) زبان - عرش (ڀ) زبان - ويچار

۲. ’تعليم جي ضرورت‘ اِن وشيہ تي پنهنجا ويچار لکو.

---

## پاڙ ڪريان - پاڙ سکان

۱. چوکنڊي مان مناسب لفظ ڳولهيو :-

| | | | | |
|---|---|---|---|---|
| احساس | نوڪري | دائما | فتح | فيصلو |
| حڪم | آسامي | وارث | اتوت | وفادار |

۱. راجا فرمان ڪڍيو تہ هاٿي ڪڙمين مٿان ڊل نہ مڙهي ويندي. → ☐

۲. ڀارت جي سپاهين ۾ هميشه ڪٽڻ جو جذبو هوندو آهي. → ☐

۳. مونکان پوءِ ڪير سنڀاليندو؟ منهنجا ڏنڏار ڪاروبار ڪير ڏسندو؟ → ☐

۴. مئنيجر جي جڳهہ خالي هئي ڪيترن ئي عرضدان فارم ڀريا. → ☐

۵. ڀارن ڪي ماءُ پيءُ سان سچو تي رهڻ گهرجي. → ☐

۲. ’يڪ تندرستي هزار نعمت‘ اُپٽار لکو :-

C7E4G3



Downloaded from https:// www.studiestoday.com

Downloaded from https:// www.studiestoday.com

# 6. پسيني جي ڪمائي

اِيسر سنگهہ بيدي (1927) پائو ايسر سنگهہ بيدي، اَجمير راجستان جو نواسي هڪ مقبول وڪيل، مضمون نگار ۽ فريدم فائيٽر آهي.

سنڌ ۾ ڪيترين ئي چونڊيون ڇپائي سڄائي آندائين. 'گلڪاري' رسالو بہ ڪجهہ وقت هلايائين. هن وقت اَجمير جي ٻالڪن جي ٻاريءَ جو روح روان آهي.

هن ڪهاڻيءَ ۾ ليکڪ سچي محنت جي اَهميت سمجهائي آهي.

هڪ شاهوڪار کي اڪيچار ڌن هو. واپار مان سني ڪمائي هئس. نوڪر چاڪر شيوا لاءِ هردم حاضر هئا. سئر سفر لاءِ موٽر ڪار بہ هئس. مطلب تہ ڪابہ ڪمي ڪانہ هئس. ليڪن تڏهن بہ سندس اَندر ۾ غم هو. دکي هو جو کيس اولاد جو سک نصيب ڪونہ هو. کيس ڏينهن رات فڪر رهندو هو تہ خاندان جو نالو روشن ڪرڻ وارو ڪونہ آهي، پوءِ هيءَ هيتري مليڪت کهڙي ڪم جي!

اولاد لاءِ هن ڪيترائي تيرٿ پيتا- مندرن ۾ سکائون ڪيون. مسجدن ۾ دعائون پنيون. پيرن - فقيرن وٽ ويو. ساڌو سنتن مهاتمائن جي آشيرواد ورتائين، ديوتائن - ديوين اڳيان باسون باسيون. آخر پرماتما جي مٿس مهر ٿي- خاندان جو چراغ چمڪيو؛ ڏيئو روشن ٿيو. کيس هڪ سهڻو سنو پٽ ڄائو - پوءِ تہ واڌايون وريون خوشيون ڪيون ويون. مٺايون ورهايون ويون. نوڪرن چاڪرن کي اِنعام ڏنا ويا. غريبن ۾ اناج ڪپڙو ورهايو ويو. مٽن مائٽن کي دعوت ڏني ويئي. شادمانا ڪيا ويا بئنڊون باڄا وڄايا ويا، آتشبازي ڪئي ويئي. ڏياريءَ وانگر گهر جي مٿان بجلين جي جهرمر سان روشني ڪري چمڪايو ويو. ساڌن سنتن مهاتمائن جي شيوا ڪئي ويئي.

ڇوڪرو اڃ ننڍو سياڻي وڏو ٿي رهيو هو. کيس اسڪول ۾ وهاريو ويو. سني تعليم وٺي رهيو هو. ليڪن ..... ليڪن ڇوڪري کي ماءُ جو وڌيڪ سک نصيب نہ ٿي سگهيو. سندس ماءُ اچانڪ گذاري ويئي. هاڻي شاهوڪار مٿان سمورو بوجهہ اچي پيو. پٽ جي سک آرام لاءِ هن ٻي شادي ڪونہ ڪئي. هو خود سڪيلڌي پٽ جي پوري پوري سنڀال لهڻ لڳو. پٽ جي سک آرام جو پورو پورو ڌيان رکڻ لڳو. ايتري قدر جو پٽ جي موهہ ۾ جڪڙجي هوُ پٽ جا سڀ اَنگل بہ سهڻ لڳو. پٽ جون سڀ اڇائون سڀ خواهشون پوريون ڪرڻ لڳو. جيئن ٻالڪ کي ماءُ جي ياد نہ ستائي. ان طرح گهڻي لاڏ ڪوڏ سان پلجندڙ ٻار گهڻي خرچ تي هرندو ويو. هرڪا شئہ طلبڻ لڳو. سندس دل پوري ٿيندي رهي. نتيجو اهو نڪتو جو ننڍپڻ جي عادتن اَنوسار هو وڏي هوندي وڏين برين عادتن‌جو شڪار ٿي ويو. غلط عادتن ۾ پيسو برباد ڪرڻ لڳو.

هاڻي شاهوڪار کي فڪر لڳو. پڇتائڻ لڳو. پٽ کي سمجهائڻ جي ڪوشش ڪيائين. ڪيترائي حيلا هلايائين هن کي محسوس ڪرائڻ لڳو. ليڪن پٽ تي ڪوبہ اثر ڪونہ ٿيو.

هاڻي شاهوڪار کي وڏي عمر ۾ ڳڻتي ٿي پيئي تہ سِکي سِکي اولاد ورتم. نازنخري سان پالي وڏو ڪيم. خاندان جو نالو روشن ڪرڻ جي اُميد تہ ڪافور ٿي ويئي ٿي ڏسجي- ڌنڌي واپار جو بہ برو حال ٿي رهيو هو. ٻڍاپو بہ اچي چڪو هو. شاهوڪار کي اُن جو سور ۽ ڳڻتيون ستائي رهيون هيون.

ليڪن سندن وس نہ هليو. گهڻي سوچ ۽ فڪر سبب شاهوڪار بيمار گذارڻ لڳو. ڏينهون ڏينهن ويو. پوئتي پوندو هو وڌيڪ وقت حيات رهڻ جو آسرو لاهي وينو.

سوچيندي ويچاريندي کيس هڪ خيال آيو. اُميد جو آخري ترورو نظر آيو. هن پٽ کي پاڻ وٽ گهرايو



Downloaded from https:// www.studiestoday.com

Downloaded from https:// www.studiestoday.com

۾ پيار مان سمجهائيندي کيس چيو تہ هاڻي مان هلڻ وارو آهيان. حياتي جو سفر پورو ٿيڻ وارو آهي. هيءَ ڏن سان پريل ٽجوڙي ۾ سمورو مال ملڪيت تنهنجي حوالي ڪري ٿو وڃان. ليڪن صرف هڪ شرط تي هن ٽجوڙي جو ڏن تيستائين خرچ ڪرڻ جو توکي اڌڪار نہ آهي جيسين تون منهنجي جيئري پنهنجي محنت جي خون پسيني جي هڪ ڏينهن جي ڪمائي ان ڏن ۾ نہ ملائي آهي. اهڙو وچن ڏي. بي حالت ۾ سموري مال ملڪيت مان ڪنهن مندر ۾ دان ڪري ڇڏيندس. اهو ٻڌي ڇوڪري مٿان ڄڻ پهاڙ ڪري پيو. وائڙو ٿي ويو. ايتري ۾ ئي سندس منهن تي خوشيءَ جي چمڪ موٽي آئي هن سوچيو تہ جي صرف هڪ ڏينهن جي محنت جي ڪمائي تہ ملائڻي آهي نيڪ آهي. ڪٿي هڪ ڏينهن نوڪري ڪري وٺندس. سو وڏي خوشيءَ سان پيءُ کي خاطري ڏيندي اهڙو وچن ڏنائين.

ٻئي ڏينهن شاهوڪار جو پُٽ شهر ۾ چڪر ڪاٽيندو رهيو. ليڪن ڪير بہ کيس پاڻِ وٽ نوڪري نہ پيو ڏئي. هن جا ٺاٺ باٺ ڏسي هرڪو پيو سمجهي تہ هيءُ نوڪري ڇا ڪندو، ڪهڙا اَڪ ڪارا ڪندو. هيڏانهن هوڏانهن گهٽيئي پٽڪيو. ليڪن کيس ڪٿي بہ نوڪري نہ ملي سگهي جو هڪ ڏينهن ڪمائي سگهي. نيٺ لچ لاهي مزوري ڪرڻ لاءِ بہ تيار ٿي ويو پر ههڙي شاهوڪار جي پٽ کان مزوري ڪير ڪرائي. کيس ڪٿي بہ ڪم ئي نہ پيو ملي جو ڪمائي پيءُ کي ڏنل وچن پورو ڪري سگهي. پٽڪندي پٽڪندي ڇهَا ڏينهن گذري ويا. بي وس لاچار ٿي پيو. نيٺ هڪ هنڌ ڪو مڪان ٺهي رهيو هو. ٺيڪيدار صاحب وٽ ويو. اَول تہ ٺيڪيدار هن جي پوشاڪ ڊريس ڏسي وشواس ئي ڪونہ ڪيو تہ هيءُ ڪو مزوري ڪري سگهندو. نيٺ گهڻي سنائڻ تي، منٿون ميڙون ڪرڻ تي ٺيڪيدار کيس مزور ڪري رکڻ قبول ڪيو. نوجوان کي ڪم ڏنو ويو تہ سِرِ پٿرن جي تغاري پري مٿي منزل تي پهچائيندو رهي ۾ لهڻ وقت ملبي مٿي جي پريل تغاري مٿي تيِ ڪٽي هيٺ لهي اچي ڍير ۾ ملائي.

شاهوڪار جو پٽ لاچاريءَ کان اها مزوري قبول ڪندي، سڄو ڏينهن ڪم ڪندو رهيو. مزوري ڪندو رهيو. سندس پسينو وهڻ لڳو. پگهر ۾ سمورا ڪپڙا آلا ٿي ويس. پُسي پاڻي ٿي وهيس، ٿڪجي ٿڪجي چور چور ٿي پيو. تڏهن شام جو وڃي کيس محنت مزوري جا پئسا حاصل ٿيا. هاڻي کيس سنتوش مليو. ڏنل وچن جي پالنا جي خاطري ٿيس. مزوري جا پئسا هٿ ۾ سوگها جهلي گهر موٽيو. رستي تي هلي بہ نہ پيو سگهي. هڏ هڏ ٿڪجي پيو هوس. سڄي بدن ۾ سور ٿيڻ لڳس. جيئن تيئن ڪري گهر پهتو ۾ سامهون پيءُ کي وينل ڏسي سندس تريءَ تي وڃي هڪ ڏينهن جي ڪمائيءَ جي رقم رکيائين.

ليڪن ...... ليڪن شاهوڪار پٽ کي چيو تہ هيءَ رقم سامهون چُلهہ ۾ اُڇلائي ڇڏ. اهو ٻڌي ڇوڪرو آگ ببولا ٿي ويو. چوڻ لڳو تہ ”ڪمال آهي مس مس تہ پورهيو هٿ لڳو محنت مزوري ڪري پئسا ڪمايا اٿم. ڪم ڪندي هٿن ۾ ڇالا پئجي ويا آهن. توهان شاباس تہ ڪونہ ڏني حال چال بہ ڪونہ پڇيو. منهنجي هڪ ڏينهن جي ڪمائي جو اهو قدر ٿا ڪريو، جو چئو ٿا تہ وڃي چُلهہ ۾ اُڇلاءِ!“

اِهو ٻڌي شاهوڪار کيس چوڻ لڳو تہ ”بس! هڪ ڏينهن ڪمائي آيو آهين. هڪ ڏينهن محنت مزوري ڪئي اٿيئي تہ پئسي جو ايڏو غرور ٿو ڪرين. جيڪڏهن ائين آهي تہ پوءِ ٻڌاءِ تہ مون گهڻا ڏينهن محنت مزوري ڪري هيترو ڏن جوڙيو هوندو. مون تہ سڄي عمر ڏينهن رات هڪ ڪري، ڪشالا ڪڍي، محنت ڪري هيتري ملڪيت ٺاهي جوڙي، تو ڪڏهن محسوس ڪيو. ڪڏهن ڪو اندازو لڳايو جو پنهنجي خراب عادتن ۾ غلط ڇوڪرن جي سنگت ۾ پاڻيءَ وانگر پئسو وڃائيندو رهيو آهين ۾ هاڻي منهنجي مرڻ بعد بہ تہ اهو ئي حشر ڪندين. اَڄ توکي پنهنجي هڪ ڏينهن جي معمولي ڪمائيءَ جو ايترو ايمان، ايترو قدر ٿيڻ لڳو آهي.“

اهو ٻڌي ڇوڪرو سوچ ۾ پئجي ويو. سندس دماغ جا ڪپاٽ کُلي ويا. هاڻي هن محسوس ڪيو تہ واقعي هيتري محنت، جاکوڙ بعد ٺاهيل مال ملڪيت ۾ ڏن کي مان گندين عادتن ۾ اُڏائي ٿو ڇڏيان. مونکي حيف آهي، ڌڪار آهي بس انهن خيالن هن جي دل دماغ ۾ هلچل مچائي ڇڏي ۾ هن پڪو ارادو ڪيو تہ هو بُرين عادتن کان ڪنارو ڪندو. پيءُ جي جوڙيل ملڪيت اَجاين ڪمن ۾ نہ وڃائيندو. بلڪ غريبن محتاجن اَناٿن بلي ست ڪرم ۾ خرچ ڪندو. هو پيءُ جي پيرن تي ڪري پيو. اُٻتي نيڪ ٿي هلڻ جو پرن ڪيائين. اڄ کيس قدر ٿيڻ لڳو. محنت جي ڪمائيءَ جو پسيني جي ڪمائيءَ جو!!!.



Downloaded from https:// www.studiestoday.com

Downloaded from https:// www.studiestoday.com

**نوان لفظ :-**

اَڪيچار = تمام گهڻو، | غم =چنتا، | آتشبازي = ڦٽاڪا،
پرلوڪ پڌارجڻ = گذاري وڃڻ، | جڪڙجي = ڦاسي، | حيلا هلائڻ = ڪوشش ڪرڻ،
ترورو = ڪرڙو ، | پهاڙ ڪرڻ = مصيبتون اچڻ، | پسينو = پگهر،
هڏ هڏ ٽٽڻ = بيحد ٿڪجي پوڻ، | آڱر ٻبوڙا ٿيڻ = غصو ڪرڻ ، | غرور = گهمنڊ،
ڪشالا ڪڍڻ = تڪليفون سهڻ، | ڪپاٽ کُلي وڃڻ = هوش ۾ اچڻ، | حيف = ڌڪار
شادمانا = خوشيون، | خواهشون = گُهرجون.

## اَڀياس

**سوال :١- هيٺين سوالن جا جواب هڪ ٻن جُملن ۾ لکو:-**

١. شاهوڪار جي اندر ۾ ڪهڙو غم هئو؟
٢. اؤلاد لاءِ سيٺ ڇا ڪيو؟
٣. چوڪري کي ڪنهنجو وڏيڪ سک نصيب نه ٿيو؟
٤. وڏيءَ عمر ۾ شاهوڪار کي ڳڻتي ڇو ٿي پيئي.

**سوال :٢- هيٺين سوالن جا جواب ٿوري ۾ لکو:-**

١. پٽ ڄمڻ تي شاهوڪار ڪيئن خوشي ملهائي؟
٢. ملڪيت ڏيڻ لاءِ پيءُ پٽ کي ڇا چيو؟
٣. پٽ کي شرط پورو ڪرڻ لاءِ ڇا ڪرڻو پيو؟
٤. ”پسيني جي ڪمائي“ آکاڻيءَ مان ڪهڙي نصيحت ملي؟

**سوال :٣- ڪنهن ڪنهن کي چيو :-**

١. ”هيءَ رقم سامهون چُلهه ۾ اُڇلائي ڇڏ“.
٢. ”توهان شاباس ته ڪونه ڏني، حال چال ته ڪونه پڇيو“.
٣. ”مون گهڻا ڏينهن محنت مزوري ڪري، هيترو ڌنُ جوڙيو هوندو“.

**سوال :٤- هيٺين اصطلاحن جي معنيٰ لکي جملن ۾ ڪم آڻيو:-**

پرلوڪ پڌارجڻ ، ڪشالا ڪڍڻ، ڪپاٽ کُلي وڃڻ حيلا هلائڻ،



Downloaded from https:// www.studiestoday.com

Downloaded from https:// www.studiestoday.com

سوال :۵- (الف) صفتون ڳاهيو:-

اثر، خاندان، آرام، موهه، عادت، بيماري

(ب) ضد لکو:-

اڻڄاڻ، آشيرواد، سنو، حاضر، ننڍو، وشواس

(ب) وياڪرڻ موجب ڳالهائڻ جا لفظ سڃاڻو :-

شاهوڪار، سهڻو، سياڻي، اِسڪول ۾، ڪان، رکيائين.

## پورڪ اَڀياس

(ا) تڪر تي عملي ڪم

هاڻي شاهوڪار ................................................................ شاهوڪار جي بيمار گذارڻ لڳو.

(i) برئڪيٽ مان مناسب لفظ ڳولهي ليڪ ڏنل لفظ بدران ڪم آڻيو.


(الف) ليڪن سندس وس نه هليو .

(زور ، طاقت ، هٺ)

(ب) شاهوڪار کي وڏي عمر ۾ ڳڻتي ٿي ويئي.

(چنتا، اونو، اَنديشو)

(ii) چوکنڊا پورا ڪريو :




(iii) هڪ سٽ ۾ جواب لکو :-

(الف) شاهوڪار پٽ کي ڪيئن پاليو؟

(ب) شاهوڪار خاندان جي نالي بابت ڇا سوچڻ لڳو؟



Downloaded from https:// www.studiestoday.com

Downloaded from https:// www.studiestoday.com

(iv) خاندان ۾ ’دان‘ اِهو لفظ جو ئي حصو آهي اِهو نہ اَڳياڙي آهي نہ پڇاڙي هيٺ ڏنل لفظن کي ’دان‘ لفظ جو حصو يا لفظ جي اَڳياڙي / پڇاڙي ۾ ورهايو.

وردان، ترت دان، دان پڇ، دانرو، دانوير، ميدان، نادان.

| لفظ | | | | | | | |
|---|---|---|---|---|---|---|---|
| لفظ جو حصو | | | | | | | |
| لفظ جي اَڳياڙي / پڇاڙي | | | | | | | |

٢. ’وقت جي اَهميت‘ اِن وشيہ تي مضمون لکو.

٣. ’سچ تہ بينو نچ‘ اِن وشيہ تي اُپٽار لکو.

---

## پاڻ کريان - پاڻ سکان

١. هيٺ ڪجهہ لفظ ڏنل آهن. اُهي اِستعمال ڪري آکاڻي ٺاهيو:

پاڇيون
تيرٿ آستان
شهر، واپاري

برسات
راجيش، اِسڪول
ڇٽي،ڪتاب

٢. ڏنل آکاڻي پوري ڪريو:-

هڪ ڏينهن دليپ ۽ ڌرمو اِسڪول مان واپس موٽي رهيا هئا.................................

٣. ڏنل ٽپن مان آکاڻي پوري ڪري لکو:

هڪ ڪانءُ - لولي ٽڪر - لولو ڪاٺڻ - ڳدڙ جو ڪانءُ کي لولو ڪاڻيندي ڏسڻ - ڳدڙ جي دِل لولو ڪاٺڻ تي - ڳدڙ جو ڪانءُ کي ڳائڻ لاءِ چوڻ - لولو ڪرڻ. ڳدڙ جو ڪاٺڻ - نصيحت.

آکاڻيءَ کي نهڪندڙ سِرو ڏيو.

٤. خط لکو:-

١. ميونسپل عملدار کي پاڙي ۾ آوارا ڪُتن جو آزار دور ڪرڻ بابت خط لکو.

٢. پنهنجي دوست يا ساهيڙيءَ کي راندين جي چٽابيٽيءَ ۾ سونو بِلو کٽڻ لاءِ واڌايون ڏيڻ لاءِ خط لکو.

C7MZHQ

•••



Downloaded from https:// www.studiestoday.com

Downloaded from https:// www.studiestoday.com

# 7. سنتوُ شهاڻي

وشنو نينارام شرما (1894 - 1973ع) هڪ اخبار نويس ۽ ڪالم نگار ٿي گذريو آهي. هوُ 'شري' نالي سان قلم هلائيندو هو. هن جي ليکن جا مجموعا آهن : 'پٽر تي ليک' ۽ 'منهنجي ڪير ٻڌي'

هن ليک ۾ سنڌي سپوت سنتو شهاڻيءَ طرفان ديش لاءِ ڪيل شيوائن جو بيان ڪيل آهي.

1962ع ۾ جيڪا چين سان چڪر لڳي. تنهن ۾ اسان جي بچاءُ ڪاتي هڪ سبق اِهو سکيو تہ فوجي جوانن کي گهربل ماڊرن هٿيار ملڻ گهرجن. مکيہ ۾ مکيہ هٿيار ڪپندا هئا. 'آٽوميٽڪ بندوقون' ۽ اُهي بہ لکن جي تعداد ۾ کپن. ڪروڙن جو انهن تي آهي خرچ. ڪروڙ بہ خرچ ڪجن. پر 'فارين ايڪسچينج' سرڪار وٽ ميسر ڪانہ! يوروپ جا ملڪ انهن آٽوميٽڪ بندوقن پهچائڻ لاءِ تيار هئا ۽ ممڪن هو تہ انهيءَ لاءِ اُهي ''فارين ايڪسچينج'' بہ پيدا ڪن ها! فوجي ماهر پاڻ ۾ گڏيا ۽ اِها پڙتال ٿيڻ لڳي تہ اهي آٽوميٽڪ يا سيمي آٽوميٽڪ بندقون ديش ۾ نهي سگهن ٿيون يا نہ! گهڻو ڪري سڀني ماهرن اِها راءِ ڏيکاري تہ ديش ۾ اهڙا هٿيار ايترو جلد نهي نہ سگهندا. تنهن ڪري ٻاهرين ملڪن مان گهرائجن. فقط هڪ شخص، سنتو شهاڻي، جيڪو آرڊينس فئڪٽرين جو ڊائريڪٽر جنرل هو. تنهن چيو تہ ''اهي بندوقون هندستان ۾ نهي سگهن ٿيون ۽ گهربل وقت اَندر بندوقن جو تعداد پهچائي سگهبو. اَئين بندوقون ناهڻ ۾ ڪنهن بہ وديشي پيسي (فارين ايڪسچينج) جي گهرج ڪانہ پوندي.''

سنتو شهاڻي هينئر رات ڏينهن ڪم ۾ لڳي ويو. نہ صرف پاڻ پر سنڌس زيردست بہ پيروي ڪرڻ لڳا. سنتو شهاڻيءَ کي ڀارتي انجنيئرن ۽ ڪاريگرن جي سرانجامي ۽ هوشياريءَ ۾ پورڻ وشواس هو. هن کي تسلي هئي تہ ڀارتي ڪاريگر دنيا جي ڪنهن بہ انجنيئر کان گهٽ نہ آهن. پاڻ ڪن ڳالهين ۾ پرديسين کان سرس آهن. سنتو شهاڻيءَ جدا جدا هنڌن تي نوان فوجي سامان جا ڪارخانا کوليا ۽ انهن ۾ رات ڏينهن ڪم ٿيڻ لڳو. پاڻ بہ سورهن ڪلاڪ يا مٿي ڪم ڪندو رهيو. ڏينهن جو ڪم ۾ تہ رات جو هوائي جهاز ۾ چڙهي صبح جو سويل ئي ٻئي ڪارخاني تي نگهباني ڪندو ۽ ڪم جي سر انجامي وٺندو هو. هن جا زيردست اهڙو تہ ڪم ۾ جنبيل، جو ڪم مقرر وقت کان اڳي پورو ڪري وٺندا هئا.

'ڪو ڪم ناممڪن آهي' اِها ڳالهہ تہ هو سکيائي ڪين هئا، نتيجو اِهو نڪتو جو ڪامياب سيمي آٽوميٽڪ بندوقون هندستان جي ڪارخانن مان لکن جي تعداد ۾ تيار ٿي نڪتيون. سي بہ مقرر وقت کان اڳہ ۽ رقم بہ گهٽي گهٽ لڳي. ڀارت سرڪار سنتو شهاڻيءَ جي ان ڪم کان متاثر ٿي کيس 'پدم ڀوشڻ' جو خطاب عطا ڪيو.

ڪنهن کي سُڌ هئي تہ ڀارت جو اهڙو اعليٰ. ديرينو ۽ ڇاڻو ڀارت جو سپوت اوچتو اجل جو شڪار ٿي ويندو! سڀ چوندا هئس تہ ''سنتو ڪجهہ آرام بہ وٺ. سڄو وقت پيو ڪم ڪرين. جُهري پوندين!'' پر هن دوست نہ مڃيو. سڄو وقت ڪم ۾، آرام صرف ڪري هوائي جهاز جي مسافريءَ ۾ ۽ وري ڪم. اَئين مهينن جا مهينا ۽ سالن جا سال ڪيائين. آخر هڪ دفعي ڪلڪتي ۾ سڄو ڏينهن ڪم ڪري رات جو هوائي جهاز ۾ آرام ڪرڻ لاءِ دهليءَ طرف هليو پر اُهو ڦُن جو آخرين سفر هئو ۽ پوءِ هميشهہ لاءِ اصل لاءِ مات : ڀارت ماتا جي گود ۾ وڃي آرامي ٿيو.

ڪلڪتي ۾ جيڪو شاهي ملٽري ماتم نڪتو، تنهن ۾ سنڌين کان سواءِ ٻين جي اکين ۾ بہ آنسون هئا. دنيا ڏسي سگهي تہ ڪيترو نہ پيارو هو سنتو شهاڻي ۽ ڪيئن نہ سڀ لوڪ، سرڪار سوُدا سنڌس قدر ڪري رهيا هئا. هڙو ماتمي جلوس ويجهڙائيءَ ۾ ڪلڪتي منجهہ ڪين نڪتو هو ۽ ڪلڪتي جي رهواسين ۾ سنڌين جو اَڳي کان وڌيڪ سنمان ٿي رهيو هو. ڪلڪتي جي گهڻو ڪري سڀني اَهم اخبارن، انگريزي توڙي بنگاليءَ ۾ مکيہ ليک خبرون ۽ فوٽا سنتو شهاڻيءَ جا آيا. هند سرڪار ۽ بينگال سرڪار جا عيوضي ماتم ۾ شامل هئا ۽ سنڌس ارٿيءَ تي ڦول مالهائون چاڙهيون ويون.



Downloaded from https:// www.studiestoday.com

Downloaded from https:// www.studiestoday.com

## نوان لفظ :

اعليٰ - اوچ ڪوٽيءَ جو
تعداد - انداز
اجل جو شڪار ٿيڻ - مري وڃڻ
جهري پوڻ - ڍهي پوڻ، ڪمزور ٿيڻ، بيمار ٿيڻ
متاثر ٿيڻ - اثر هيٺ اچڻ
عملي جامو پهرائڻ - عمل ۾ آڻڻ
عطا ڪرڻ - ڏيڻ، بخشڻ

## اڀياس

سوال ١ :- هيٺين سوالن مان هرهڪ جو جواب هڪ ٻن جملن ۾ لکو :

١) ڀارت جي چين سان ڪهڙي سال چڪري لڳي؟
٢) چين سان ٿيل چڪريءَ مان اسان ڪهڙو سبق پرايو؟
٣) سنتوُ شهاڻيءَ جا ساٿي سندس پيروي ڇو ڪندا هئا؟
٤) سنتوُ شهاڻي هر روز ڪيترا ڪلاڪ ڪم ڪندو هو؟
٥) سنتوُ شهاڻيءَ کي آرام ڪرڻ جو موقعو ڪٿي ملندو هو؟

سوال ٢ :- هيٺين سوالن مان هرهڪ جو جواب پنجن ستن جملن ۾ ڏيو :

١) سنتوُ شهاڻيءَ جو آٽوميٽڪ بندوق ٺاهڻ بابت ڪهڙو ويچار هو؟
٢) ڀارت سرڪار سنتوُ شهاڻيءَ کي ڪهڙو خطاب ڏنو ۽ ڇو؟
٣) سنتوُ شهاڻيءَ جي ماتمي جلوس جو ورنن ڪيو؟

سوال ٣ :- (الف) هيٺين لفظن مان صفتون ٺاهيو :

ڪم، هوا، رات، اڄ

(ب) هيٺين لفظن جا ضد لکو :

خرچ، مُمڪن، زبردست، اعليٰ، ڪامياب

(ٻ) هيٺين جا ساڳئي معنيٰ وارا لفظ لکو :

تعداد، وشواس، خطاب، آنسوُ.

(ڀ) وياڪرڻ موجب ڳالهائڻ وارا لفظ لکو :

هوندو هو، حيران، هاڻي، تنهنجو، کي

(د) هيٺين اِصطلاحن جي معنيٰ لکي جملن ۾ ڪم آڻيو:

اجل جو شڪار ٿيڻ، متاثر ٿيڻ، عطا ڪرڻ، جهري پوڻ، عملي جامو پهرائڻ

سوال ٤ : ”جتي چاهه اُتي راهه“ اُپٽار لکو.



Downloaded from https:// www.studiestoday.com

Downloaded from https:// www.studiestoday.com

## پورڪ اَڀياس

(۱) تڪرار تي عملي ڪم

1962ع ۾ جيڪا چين سان .............................. پورو ڪري وٺندا هئا.

(i) تڪر مان، هيٺ ڏنل لفظن سان ٺهڪندڙ انگريزي لفظ ڳولهي لکو:

| ودیشي | هڪ ڪنڊ | ٽڪنيڪ جو ڄاڻو | جديد |
|---|---|---|---|
| | | | |

(ii) هڪ سِٽ ۾ جواب ڏيو:

(۱) سنتوڪ شهاڻيءَ جو ڪنهن ۾ پورڻ وشواس هو؟

(۲) چين سان لڙائيءَ ۾ بچاءُ ڪاٿي ڪهڙو سبق سکيو؟

(۳) آرڊيننس ڊائريڪٽر جنرل ڪهڙو رايو ڏنو؟

(۴) سنتوڪ شهاڻي جُدا جُدا هنڌن تي ڪهڙا ڪارخانا کوليا؟

(iii) ضدن جا جوڙا ملايو:

| پورو | ٻئي درجي جو |
|---|---|
| وشواس | ناممڪن |
| مُکيه | اَڻپورو |
| ممڪن | اَوشواس |

(iv) هڪ لفظ ۾ جواب لکو:

(۱) خرچ سان لاڳاپو رکندڙ = ☐ (۳) وڌيڪ جو ضد = ☐

(۲) پارٽي انجنيئرن جو گُڻ = ☐ (۴) ''ڄاڻوُ'' جي معنيٰ ڏيکاريندڙ = ☐

(2) 'Google' تي 'thesindhuworld.com' تي وڃي شهيد پريم رامچندڻي بابت وڌيڪ ڄاڻ حاصل ڪيو.

(۳) 'سئنڪ جي آتم ڪٿا' لکو.

(۴) سئنڪ ۽ عام اِنسان وچ ۾ گفتگو لکو.

C7HVJD



Downloaded from https:// www.studiestoday.com

Downloaded from https:// www.studiestoday.com

# 8. مائڪرو ڪهاڻيون

**(۱)** اڄ هوءَ ڏاڍي خوش هئي،
چو تہ اڄ کان اِسڪول شروع ٿي رهيا هئا.
هاڻي هوءَ اِسڪول پرسان اِسٽيشنريءَ جو سامان
وڪڻي پنهنجي مائٽن کي مدد ڪري سگهندي.

**(۲)** هميشه هوءَ پنهنجي ڇهن سالن جي پُٽ کي
دڙڪا ڏيندي رهندي هئي،
”پُٽ ڇا ٿو ڪرين، ليڪ سڌي ڪڍ، ليڪ تنهنجي آڏي آهي“
۽ اڄ هوءَ اِسپتال ۾ ٻاڏائي رهي هئي.
”پُٽ تنهنجي اي. سي. جي (E.C.G) تي آڏي ڦڏي ليڪ اَچي“

**(۳)** اڄ چوطرف ’جئہ ماتا دي، جئہ ماتا دي جا نعرا لڳي رهيا هئا
۽ اڄ ئي هڪ پٽ پنهنجي ماءُ کي ٻڍا آشرم ۾ ڇڏي ويو.

**(۴)** اُهي سندس پيءُ کي ڪٽي
ويا ۽ ترنگو جهنڊو موٽائي ويا.

**(۵)** واه! ڇا تہ شادمانا هئا، شاهوڪار جي گهر پٽ ڄائو هو،
واڌايون، واڌايون سڀ چئي رهيا هئا. پر سرڳہ ۾ تي
اَٽ - چاول پينرون روئي رهيون هيون.

## اَڀياس

**سوال ۱: هڪ سٽ ۾ جواب ڏيو :**

(۱) سُرڳہ ۾ ڪير روئي رهيون هيون؟
(۲) اِسپتال ۾ ماءُ پُٽ لاءِ ڪهڙي پرارٿنا ڪري رهي هئي؟
(۳) ننڍڙي ٻالڪا ڇو خوش هئي؟
(۴) هرطرف ڇا جا نعرا لڳي رهيا هئا؟



Downloaded from https:// www.studiestoday.com

Downloaded from https:// www.studiestoday.com

سوال ٢: هيٺ ڏنل لفظ اِستعمال ڪري جملا ٺاهيو.

(i) مدد (ii) آشرم (iii) جهنڊو (iv) شادمانا

## پورڪ اَڀياس

(i) ڏنل ڪهاڻين تي عملي ڪم

(i) جوڙا ملايو : ڏنل سٽن کي آکاڻي نمبر سان ملايو :

| | |
|---|---|
| (.1) ٻيٽي پڙهايو. | آکاڻي 1، 2، 3، 4، 5 |
| (.2) ٻيٽي بچائو. | |
| (.3) جئہ هند | |
| (.4) وڏن جو آدر | |
| (.5) زندگيءَ جي ليک شل آڏي هجي | |

(ii) اُهي سندس پيءُ کي ڪٽي ويا ۽ ترنگو جهنڊو موٽائي ويا.
اِن ٻہ - سٽي ڪهاڻيءَ جو مطلب سمجهايو.

(iii) نسبتي لفظن جا جوڙا ملايو :

| | |
|---|---|
| 1. وقت | 1. لباس |
| 2. موافق | 2. رنڊڙو |
| 3. پوشاڪ | 3. بادل |
| 4. ڊاڪٽر | 4. سنو |
| 5. هوائي جهاز | 5.وٽندڙ |
| 6. گئس ڪوُلو | 6. حساب |
| 7. ڪتاب | 7. پائلٽ |
| 8. برسات | 8. گهڙيال |
| 9. ليکو | 9. ليکڪ |
| 10. عمدو | 10. اسپتال |

ستوُن پڙهي عملي ڪم ڪريو :-

(١) اَمان جي عمر ٧٠ سال ڪن هئي، هوءَ سنڌ جي هڪ ڳوٺ ۾ جائي هئي. هوءَ ٺڪاڻي ۾ ڳُرمُکي پڙهندي هئي. سندس وواهه ڪراچيءَ ۾ هڪ پڙهيل سان ٿيو.



Downloaded from https:// www.studiestoday.com

Downloaded from https:// www.studiestoday.com

# خط

تاريخ: ٢٠١٨.٧.١٨

سيڪريٽري،

وويڪانند سنڌي وديالیہ سوسائٽي

ڪولهاپور.

وشيہ:- بيسٽ اِسڪول اِنعام

مانيور سيڪريٽري صاحب،

توهان کي اِهو ٻڌائيندي خوشي ٿي رهي آهي تہ 'اَسان جو اِسڪول' 'سوڇ اَڀيان' 'پرتيوگتا' ۾ اَول نمبر کٽيو آهي. اِها توهان جي ڪوشش هئي. توهان جوُن جي مهيني ۾ خاص ميٽنگ وٺي، ٻارن کي صفائي ۽ صحت بابت رهنمائي ڪري، اُنهن ۾ اُتساهہ ڦوڪيو. بس پوءِ تہ سيني ٻارن جڻ اِهو پنهنجو ڌرم سمجهي، سڄي اِسڪول ۽ پسگردائي جي پاڻ صفائي ڪري، ايراضيءَ ۾ رهندڙ ماڻهن کي صفائيءَ جي اَهميت سمجهائي.

جڏهن سرڪاري عملو اَسان جي اِسڪول ۾ سروي ڪرڻ آيو تہ اِسڪول جي شاندار صفائي ڏسي دنگ رهجي ويو.

اَسان جي اِسڪول کي بيسٽ اِسڪول لاءِ ٽرافي ۽ سرٽفڪيٽ جي اِنعام سان نوازيو ويو.

شيوا ۾

هيڊماسٽر،

وويڪانند سنڌي وديالیہ،

ڪولهاپور.

مشغولي: (١) اِسڪول جي هيڊماسٽر ڏانهن بيماريءَ سبب موڪل وٺڻ بابت خط لکو.

(٢) ميونسپل عملدار ڏانهن وارڊ ۾ جمع ٿيل ڪچرو هٽائڻ بابت خط لکو.

(٣) پنهنجي ماءُ وٽان مليل جنم ڏينهن جي سوکڙي لاءِ ڪيس شڪراَدائي ڪندي خط لکو.

(٤) پنهنجي دوست / ساهيڙي کي گهمي آيل هنڌ بابت ذڪر ڪندي خط لکو.



Downloaded from https:// www.studiestoday.com

Downloaded from https:// www.studiestoday.com

# 1. گيت

ڊاڪٽر موتي پرڪاش (1931-2016ع) هڪ شاعر، ليکڪ، نقاد، ناٽڪار طور هند، سنڌ ۾ هاڪارو آهي. هن قومي تراني ۾ شاعر سنڌيت جي خوبين جو ذڪر ڪيو آهي.



آنڌيءَ ۾ جوت جڳائڻ وارا سنڌي،
مٽيءَ کي سون بڻائڻ وارا سنڌي.
شاهه سچل ساميءَ جي ورثي وارا، نس نس ۾ جن جي وهي ٿي سنڌوُ ڌارا،
جهر ۽ جهنگل ۾ جهانگيئڙا برپٽ کي باغ بڻائڻ وارا سنڌي.
آنڌيءَ ۾ جوت.......
پريم ڀاو ايڪي سان رهندا جڳ ۾، محنت جو ڀاو پريل آ جن جي رڳ رڳ ۾
سيني سان پريم وڌائيندا، ڪجهه ڏيندا ڪجهه پائيندا،
سنسار ۾ پريم وڌائڻ وارا سنڌي.
آنڌيءَ ۾ جوت.......
بينگال ۾ رهندا ۽ سکندا بينگالي، ڪيرل ۾ رهندا ۽ سکندا مليالي،
گجرات ۾ سکندا گُجراتي، ته به امر سدا سنڌي جاتي،
سنڌيءَ سان نينهن نباهڻ وارا سنڌي.
آنڌيءَ ۾ جوت.......
موهن جي دڙي جا دېجي اوچا رهندا، طوفان زلزا، سوُر ۽ سختيون سهندا،
هيموُنءَ جيان ڦاسي کائيندا ته به مُرڪي ڳائيندا،
هي ڪُڌندي ڪنڌُ ڪپائڻ وارا سنڌي.
آنڌيءَ ۾ جوت جڳائڻ وارا سنڌي،
مٽيءَ کي سون بڻائڻ وارا سنڌي.

**نوان لفظ :**

جهانگيئڙا = جهنگل ۾ رهندڙ　　برپٽ= بيابان　　نينهن نباهڻ = ناتو نباهڻ



Downloaded from https:// www.studiestoday.com

Downloaded from https:// www.studiestoday.com

## اڀياس

سوال ١ - هيٺين سوالن جا جواب هڪ ٻن جملن ۾ لکو :-

١. سنڌين کي ورثي ۾ ڇا مليل آهي؟

٢. محنت ڪنهن جي رڳن ۾ پريل آهي؟

٣. گيت ۾ ڪهڙي ڪرانتيڪاريءَ جو نالو آيو آهي؟

سوال ٢ - هيٺين سوالن جا جواب ٿوري ۾ لکو :

١. ڀارت جي الڳ الڳ راڄين ۾ سنڌي ڪيئن گڏجي مسجي رهن ٿا؟

٢. سنڌي پريم ڀاو ڪيئن وڌائن ٿا؟

سوال ٣ - هيٺيان چوڪنڊا ڀريو :

| | | | | |
|---|---|---|---|---|
| بينگال | گجرات | مهاراشٽر | | اوڙيسا |
| | گجراتي | | تمل | |

سوال -٤ : هيٺيان جوڙا ملايو :

| | |
|---|---|
| ١) پريم ڀاو ايڪي سان | ١) وڌائڻ وارا سنڌي |
| ٢) محنت جو ڀاو پريل آ | ٢) ڪُجهه پائيندا |
| ٣) ڪُجهه ڏيندا | ٣) جن جي رڳ رڳ ۾ |
| ٤) سنسار ۾ پريم | ٤) رهندا جڳ ۾ |

## پورڪ اَڀياس

١) شعر بند تي عملي ڪم

شاهه سچل .................... نينهن نباهڻ وارا سنڌي

(i) ”جهر“ ۽ ”جهنگل“ لفظ ساڳئي اَکر ”ج“ سان شروع ٿيندڙ آهن.

اَهڙي نموني ساڳئي اَکر سان شروع ٿيندڙ لفظ پورا ڪريو :-

برپٽ ← ...........

جوت ← ...........


نينهن ← ...........



Downloaded from https:// www.studiestoday.com

Downloaded from https:// www.studiestoday.com

(ii) مثال موجب چوڪنڊا پريو :




(٢) هڪ سٽ ۾ جواب لکو :

(١) چار مشهور سنڌي شاعر لکو.

(٢) ڪي ٻه چار ٻوليون لکو.

(٣) ديش جي آزاديءَ جي تحرڪ ۾ ڀهرو وٺندڙ سنڌي ويرن جا نالا لکو.

(٤) ڪن چئن ڪامياب سنڌي شخصيتن جا نالا لکو.

(٣) 'مونکي وڻندڙ اَڳوان' اِن وشيه تي مضمون لکو.

سنڌي چوٽيون ۽ ٻي سنڌيءَ لاءِ ڄاڻ. Sindhi Sangat.com

## ٻاڻ ڪريان - ٻاڻ سکان

گفتگو لکو:



١. گراهڪ ۽ ياچيءَ وارو

٢. ٻه دوست / ساهيڙيون (صفائيءَ بابت)

٣. ماءُ ۽ پُٽ (سُٺن گڻن بابت)

٤. ڊاڪتر ۽ مريض

٥. ڪتاب ۽ پين

٦. وڻ ۽ مسافر



Downloaded from https:// www.studiestoday.com

Downloaded from https:// www.studiestoday.com

# 2. غزل

ايم. ڪمل جناب مولچند بندراڻي ڪمل جو نالو سنڌي غزل جي اُستاد شاعرن ۾ شماريو وڃي ٿو. ’جهُريل جيءُ‘، ’ٻرندڙ برف جا نقش‘، ’روشن راهون‘ ڏنڏلا ماڳ ۽ ’باهہ جا وارث‘ هن جا لکيل ڪتاب آهن. هن غزل ۾ شاعر جيون گذر ڪرڻ لاءِ ڪجهہ خاص ڳالهيون ٻڌايون آهن.

دل جي ڪشتي لڳندي پار،
صبرُ بہ ڪر ڪُڇ ڏيرج ڌار،

ٿانوَ ڏسي پوءِ اَمرت اوت
جتي ڪٿي هيءُ اڻين نہ هار.

رُوپ رنگ رس ۽ سرهاڻ،
ياڳ سان ملن هي سڀ چار.

جهانُ سارو آ باهہ باهہ،
تون ڪنهن هڪ جو نہ جيءُ ٺار.

پيلي وساءِ پنهنجو آسمان
مگر ڪڏهن هيٺ پيي نهار.

پنهنجي چولي - چٽيءَ جي لاءِ،
ڪنهن ٻئي جو پهراڻ نہ ڪار.

ڪاش مڃان هان هن جي ڳالهہ
وقت چيو : بيو چهرو ڌار.







Downloaded from https:// www.studiestoday.com

Downloaded from https:// www.studiestoday.com

**نوان لفظ :**

ڪشتي - ٻيڙي  جيءُ ٺارڻ - خوش ڪرڻ  ڏيرج ڌرڻ - صبر ڪرڻ  سَرهاڻ -سڳنڌ، خوشبوءِ.

## اڀياس

**سوال ١ - هيٺين سوالن جا جواب هڪ ٻن جملن ۾ لکو :-**

١. دل جي ڪشتي پار لڳڻ لاءِ ڇا ڪرڻ گهرجي؟

٢. غزل ۾ وقت جا ڇيو آهي؟

٣. شاعر موجب پاڳ سان ڇا ملي ٿو؟

**سوال ٢ - هيٺين سوالن جا جواب ٿوري ۾ لکو :**

١. اڄ جي جهان جي حالت ڏسي شاعر ڪهڙي صلاح ڏني آهي؟

٢. ’’ٻئي جو پهراڻ نہ ڪار‘‘ سِٽ ۾ شاعر ڪهڙي سمجهاڻي ڏني آهي؟

**سوال ٣ - جوڙا ملايو :**

| | |
|---|---|
| ١. جهان سارو | پنهنجو آسمان |
| ٢. پلي وساءِ | آباهہ باهہ |
| ٣. ڪنهن ٻئي جو | ڪُجهہ ڏيرج ڌار |
| ٤. صبر بہ ڪر | پهراڻ نہ ڪار |


**سوال ٤ - بيت مان هم آوازي لفظن جا جوڙا لکو :**

## پورڪ اَڀياس

**(١) شعر بند تي عملي ڪم :**

ٿانو ڏسي ................. هيٺ پيي نهار

**(i) چوڪنڊي ۾ مناسب لفظ لکو :**






Downloaded from https:// www.studiestoday.com

Downloaded from https:// www.studiestoday.com

(ii) سِٽُن ۾ هيٺ ڏنل لفظن بدران ڪم آندل لفظ ڳولهي لکو :

| سُرهاڻ | اُپي | تَڪِ | جڳهه |
|---|---|---|---|
| | | | |

(iii) ’مگر تون ڪڏهن هيٺ پيي نهار‘ سٽ جي سمجهاڻي لکو :

(iv) هيٺ ڏنل چوڪنڊي مان مناسب لفظ ڳولهي هم آوازي لفظ پورا ڪريو :

(الف) رس ← ☐ ، ☐

(ب) تار ← ☐ ، ☐

(پ) رنگ ← ☐ ، ☐

(ت) باهه ← ☐ ، ☐

ڏاهه، ڪس، جنگ، وساءِ
مگر، لاهه، وس، مار، تنگ
ڪار، ڏس، سنگ، ناهه
وار

(2) ’ڏئي مٿان پر ڪنهن جي هٿان‘ اِن وشيه تي اُپٽار لکو.

(3) ڏنل غزل جون ڪهڙيون سٽون توهان کي وڻيون؟ ڇو؟

(4) سڃاڻو ۽ ڄاڻ لکو :





C8PIPB



Downloaded from https:// www.studiestoday.com

Downloaded from https:// www.studiestoday.com

# 3. شاھہ جا بيت

شاه عبداللطيف (1752-1689ع) سنڌيءَ جو عظيم شاعر ۽ دنيا جي چونڊ شاعرن، شيڪسپيئر، هومر، ملٽن ۽ ڪاليداس جو مَٽُ مڃيو وڃي ٿو. هو سنڌ -هند ۾ ’ڀٽائي گهوٽ‘ جي نالي سان مشهور آهي. شاه جي ڪلام جو سمورو خزانو ’شاه جو رسالو‘ ۾ ڏنل آهي.



نمي ڪمي نهار تون، ڏمر وڏو ڏکہ
منجهان صبر سکہ جي سنواريا! سمجهين
ڪِمر! ڪمندن ڪٽيو، هارايو هوڏن
چڪيو ناچوندن، هو جو ساءُ صبر جو
چنڊ! تنهنجي ذات، پاڙيان نہ پرين سمِن
تون اَڇو ۾ رات، سڄڻ نِتُ سوجهرا
اڻ چوندن ۾ رچؤ، چوندن چيو وسار،
انئي پهر ادب سين، پر اهائي پار
پايو منهن مونن ۾، غُربت ساڻ گذار
مفتي منجهہ وهار، تہ ’قاضي‘ ڪانيارو نہ ٿئين.

**نوان لفظ :**

| | | |
|---|---|---|
| ڏمر = غصو، | ڪمر = صبر، ڌيرج | هوڏ= هٺ |
| ساءُ = سواد، ذائقو | پاڙيان = ڀيٽ ڪريان | پريت = سڄڻ |
| غربت = غريبي | مفتي = جج | مونن=گوڏن |
| اَڇو = روشن | ڪانيارو = محتاج | نِتُ = سدائين |
| سوجهرا = روشني | | |

## اَڀياس

سوال ١ - هيٺين سوالن جا جواب هڪ ٻن جملن ۾ لکو :-

١. هن دنيا ۾ ڪنهن ڪٽيو آهي؟

٢. شاهہ صاحب چنڊ لاءِ ڇا ٿو چوي؟

٣. ’قاضيءَ‘ اَڳيان ڪنهن کي ڪانيارو نہ ٿيڻو پوي ٿو؟



Downloaded from https:// www.studiestoday.com

Downloaded from https:// www.studiestoday.com

سوال ٢ - هيٺين سوالن جا جواب ٿوري ۾ لکو :

١. ’نمي کمي نهار تون‘ سٽن ۾ شاهه صاحب ڇا سمجهايو آهي؟

سوال ٣ - (الف) خال ڀريو :

١. نمي کمي نهار تون، ڏمر وڃو ..................

٢. انئي پهر ................ سين پر اِهائي پار.

٣. مفتي منجهه وهار ته ................ ڪانيارو نه ٿئين.

(ب) جوڙا ملايو

| | |
|---|---|
| ١. ڇنڊ! تنهنجي ذات | هارايو هوڏن |
| ٢. ڪِبر! ڪمندن ڪٿيو. | هوُ جو ساءُ صبر جو |
| ٣. ڇڪيو نا چوندن | پاڙيان نه پرين سين |

## پورڪ اَڀياس

(١) شعر بند تي عملي ڪم :

اَڻ چوندن ۾ چؤ ...................... ته قاضي ڪانيارو نه ٿئين.

(i) هڪ لفظ ۾ جواب ڏيو :

(١) هڪ عدد ☐

(٢) ’نه‘ لاءِ ☐

(٣) فيصلو ڪندڙ ☐

(۴) وقت سان لاڳاپو رکندڙ ☐

(ii) ’’ڇوندن ڇيو وسار ‘‘ سٽ جي سمجهاڻي لکو :

(iii) جوڙا ملايو :

| | |
|---|---|
| (١) پر اِهائي پار | (١) 24 ڪلاڪ |
| (٢) غربت ساڻ گذار | (٢) لاچار نه ٿئي |
| (٣) ڪانيارو نه ٿئي | (٣) اِهو ئي سچو رستو |
| (۴) اَٺ ئي پهر | (۴) نهنائيءَ سان زندگي گذار |

(٢) ’قدرت‘ اِن وشيه تي مضمون لکو.

(٣) وڌيڪ ڄاڻ : اِنٽرنيٽ جي https://en.m.wikipedia.org,ShalAbdullatif.

تي وڃي شاهه صاحب بابت ڄاڻ حاصل ڪريو.

C8YEQY



Downloaded from https:// www.studiestoday.com

Downloaded from https:// www.studiestoday.com

# 4. ڪنول جو گُل

هري دلگير (1916-2005ع) هند سنڌ ۾ هاڪارو اِنجنيئر ۽ شاعر هو. هن نظم ۾ شاعر ڪنول جي گل جو مثال ڏيئي سنسار ۾ سُٺي زندگي گهارڻ جو سنديش ڏنو آهي.

پيارا پيارا ڦول منوهر! تو ڇا موڄ مچائي،
ساڻ ڪٽي سنسار ۾ ائين سندرتا سرهائي.
سيتل هير گُهلي پرڀاتي، توکي چُمڻ لئہ آئي،
واسي تنهنکي واس سان پنهنجي، تو مدهوش بڻائي.
نيرو نيرُ، گگن ڀي نيرو، وچ ۾ صاف سفيدي
سونيءَ دنيا ۾ تو رنگبرنگي راس رچائي.
وايوُ هٿ پنهنجي سان تنهنجو آنند جهوُلو جهولي
جهولي جهولي هردي ۾ تو چنچل لهر لڳائي.
جل ۾ ڄائين، جل ۾ آهين، جل ۾ تہ بہ تون ناهين،
جڳ وارن کي جڳ ۾ جالڻ جي تو راهہ بتائي.
مُکڙيءَ ۾ معصوميت مُشڪي، هردي ۾ ڪوملتا،
ديون ۽ ديوين تي جڳ ڀيٽا انمول چڙهائي.
بند - ڪنول ۾ لوڀي ڀونئرو سنجها ويلي ڦاٿو،
ڄڻ مايا جڳ جي جيون لئہ ترشنا ڄار وڇائي.
سندرتا، چنچلتا، ڪوملتا ۽ پوترتا واري،
سائينءَ هي سوغات سرشٽيءَ لئہ سڪ ساڻ بڻائي.





Downloaded from https:// www.studiestoday.com

Downloaded from https:// www.studiestoday.com

## نوان لفظ :

| | | |
|---|---|---|
| سرهائي = خوشي | گُهلي = ڦهلي | مدهوش = نشيلي |
| نيرُ = پاڻي | وايوُ = هوا | جالڻ = گهارڻ |
| انمول = قيمتي | سانجها = شام | ترشنا = چاهنا |
| سوغات = سوکڙي | سرشٽي = سنسار. | |

## اَڀياس

سوال ١ - هيٺين سوالن جا جواب هڪ ٻن جملن ۾ لکو :-

١. سنسار ۾ سندرتا سرهائي ڪير ڪٽي آيو؟
٢. ڪنول جي گُل هير کي ڪيئن مدهوش بڻايو؟
٣. ديون ۽ ديوين تي انمول پيتا ڪنهن چڙهائي؟
٤. سائين ۽ سنسار لاءِ ڪهڙي سوغات بڻائي آهي؟

سوال ٢ - هيٺين سوالن جا جواب ٿوري لکو :

١. اسان کي جڳ ۾ ڪيئن گهارڻ گهرجي؟
٢. لوپي پونڌري جي مثال سان شاعر ڇا ٿي چوڻ چاهي؟
٣. ڪنول جي گُل جون چار خاصيتون لکو.

سوال ٣ - سِٽون پوريون ڪريو :-

١. نيرو نيرُ ............... راس رچائي.
٢. جل ۾ جائين ............ راهه ٻَتائي.
٣. بند ڪنول ۾ ............ چار وچائي.

سوال ٤ - هم آوازي لفظ ڳولهي لکو :-

مچائي، آئي.

## پورڪ اَڀياس

(١) شعر - بند تي عملي ڪم :

نيرو نيرُ ............ اَنمول چڙهائي.

(i) ’نيرو نيرُ‘ ۾ نيرو صفت آهي ۽ نير اِسم آهي. اَهڙي نموني هيٺ ڏنل ٽڪنڊي مان مناسب اِسم ڳولهي صفت اِسم جوڙا پورا ڪريو.



Downloaded from https:// www.studiestoday.com

Downloaded from https:// www.studiestoday.com

گگن،
راس،
پيتا، لهر،
دنيا

(الف) رنگبرنگي [ ] (ب) چنچل [ ]

(ب) اَنمول [ ] (پ) سوني [ ]

**(ii) هڪ سٽ ۾ جواب ڏيو :**

(الف) چار لفظ هندي ٻوليءَ ۾ اِستعمال ٿيندڙ.

(ب) ساڳئي معنيٰ ڏيکاريندڙ هڪ جوڙو

(ب) ڳُل جو اُٽ اُسريل روپ

(پ) جهولو جهوليندڙ

**(iii) سٽ سمجهايو :**

’جڳهه وارن کي جڳهه ۾ جالڻ جي تو راهه ٻنائي‘

(٢) ’گلاب جي گل‘ جي آتم ڪهاڻي لکو.

---



## خاص ڄاڻ

(الف) اَچو ته گهر ڪنول جو گل پوکيون.

(1) پساريءَ جي دڪان تان ڪنول جا ٻج آڻيو

(2) 7-8 ٻج کڻي اُنهن کي ٿورو گسايو.

(3) هڪ ويڪري برتن ۾ ٻج رکي اُن کي پورو صاف پاڻيءَ سان ڀريو ۽ 5-6 ڏينهن ڍڪي رکو.

(4) ڪجهه ٻجن مان سلا نڪرندا توهان کي نظر ايندا. اَهڙا اُسريل ٻج ڪڍو.

(5) ٻه ننڍيون مٽيءَ سان ڀريل ڪونڊيون ڪڍو هرهڪ ۾ هڪ اُسريل ٻج، مٽي -اَندر ڪوڙيو. مٽيءَ ۾ ننڍڙي پٿريءَ جا ٽڪر وجهو.

(6) هڪ وڏي پلاسٽڪ جي ٽب ۾ اِهي ٻئي ڪونڊيون رکو. آهستي آهستي اهو ٽب سڄو پاڻيءَ سان ڀريو. روز پاڻيءَ جي سنوت جاچيو ۽ گهٽ سنوت تي، پاڻي وجهو.

(7) ڪجهه ڏينهن کان پوءِ توهان ڏسندا ته اُنهن ڪونڊين ۾، ٻجن جي سلن مان گول پتا اُسرندا نظر ايندا. آهستي، هيٺ اَچي رنگ وارين پاڙن ۾ پاڻ ملايو.

(8) تمام سني برسات ۾ ٻوٽي جي واڌ ڪانپوءِ، توهان ڪنول جا ڳُل ڏسي سگهندا. وڌيڪ ڄاڻ لاءِ (You Tube: Essentials of Life) تي وڃو.



Downloaded from https:// www.studiestoday.com

Downloaded from https:// www.studiestoday.com

(ب)

## دنيا جا مهانگا گُل (قيمت آمريڪن ڊالرن ۾)

1

لزيئنٿس
(Lisianthus)
35 ڊالر- هڪ جهڳٽي لاءِ

2

لِلي آف د وئلي
(Lily of the Valley)
143 ڊالر- هڪ جهڳٽي لاءِ

3

هئڊرنجيئا
(Hydrangea)
2 کان 4 ڊالر هڪ ٽاريءَ لاءِ

4

گلوريوسا للي
(Gloriosa Lily)
5 ڊالر کان 10 ڊالر هڪ ٽاريءَ لاءِ.

5

ٽيولپ بلب
(Tulip Bulb)
9 ڊالر هڪ جهڳٽي لاءِ.

6

سئفران ڪروڪس
(Saffron Crocus)
6 ڊالر 10 گلن لاءِ.

7

گولڊ آف ڪناباليو آرڪڊ
(Gold of Kinabalu Orchid)
تمام مهنگو

8

شينزهن نونگڪي آرڪڊ
(Shenzhen Nongke Orchid)
202000 ڊالر تائين هڪ گل

9

جولئٽ روز
(Juliet Rose)
16 ملين ڊالر

10

ڪڊو پُل گُل
(Kadupul Flower)
تمام ملهائتو خريديءَ کان ٻاهر.

### وڌيڪ ڄاڻ لاءِ

چنديگڙهه ۾ ’ذاڪر حسين روز گارڊن‘ آهي اِهو رشيا ۾ سڀ کان وڏو باغ آهي، جيڪو اٽڪل 30 ايڪڙ زمين تائين ڦهليل آهي. اِن ۾ 50,000 گلاب جا ٻوٽا آهن. جن ۾ 1600 جدا جدا گلاب جي گُل جون جاتيون آهن. اِن ۾ ڪجهه دوائن وارا ٻوٽا به پوکيا ويندا آهن. اِهو سنه 1967ع ۾ ناهيو ويو. هر سال فيبروري يا مارچ مهني ۾ روز فيسٽيول (Rose Festival) هڪ شاندار سانسڪرتڪ ڪاريه ڪرم ملهايو ويندو آهي.

C98ASL



Downloaded from https:// www.studiestoday.com

Downloaded from https:// www.studiestoday.com

# 5. ”سچ“

ليکراج عزيز (1970-1897ع) سنڌي شاعرن ۾ معتبر درجو رکي ٿو. هو سنڌي ٻوليءَ کان سواءِ عربي ۽ فارسي ٻولين جو ٻہ ماهر هو. هو شاعريءَ جو فن اُستاد ڪري مڃيو وڃي ٿو. هن جي رچنائن ۾ ’شاعراتي شمع‘، ’گلزار عزيز‘، ’آبشار‘ ۽ ’صراحي‘ (ڪوتا سنگرهہ) ۽ ’ادبي آئينو‘ (مضمون سنگرهہ) هن ڪوتا ۾ سچ جي قوت سمجھايل آهي.

واه پيارا! شمس سونهارا،
چمڪن توکان چنڊ ۽ تارا.

ڏينهن جو تنهنجي آءِ حڪومت،
توکان ڀڄي ٿي رات جي ظلمت.

اُس ۾ تنهنجي پوک پچي ٿي،
بک کان دنيا ساري بچي ٿي.

ڏينهن جي دنيا روشن توکان،
لاهين اونده ساري جڳ تان.

برف پگهاري آب ڪرين ٿو،
پاڻيءَ سان جهر جهنگ ڀرين ٿو.

**نوان لفظ :**

آب = پاڻي    ظلمت = قهر    شمس = سج    حڪومت = راڄ

## اَڀياس

**سوال ١ - هيٺين سوالن جا جواب هڪ ٻن جملن ۾ لکو :-**

١) رات جي ظلمت ڪيئن ٿي ختم ٿئي؟
٢) دنيا جي بک ڪيئن ٿي دور ٿئي؟
٣) جڳ جي اونده جو وناش ڪيئن ٿئي ٿو؟
٤) جهر جهنگ ۾ پاڻي ڪيئن ٿو ڀرجي؟

**سوال ٢ - هيٺين سوالن جا جواب پنج ڇهہ جملن ۾ لکو :**

١) ليکراج ’عزيز‘ پنهنجي ڪوتا ۾ ’سج‘ جي ڪهڙي اهميت آهي؟




Downloaded from https:// www.studiestoday.com

Downloaded from https:// www.studiestoday.com

## پورڪ اَڀياس

I) ڏنل مثال موجب گول ڀريو :-





II) بيت ۾ ڏُهرايل لفظ لکو :-

١) ..................

٢) ..................

٣) ..................

III) 'سج' لفظ لاءِ ٻيا لفظ لکو :-



IV) هيٺ ڏنل گفتگوُ پنهنجن لفظن ۾ پوري ڪريو :-

اجيہ : يار وجيہ! ڏينهن آهي شينهن.

وجيہ : پر مونکي تہ رات وڻندي آهي.

اجيہ : ..................................

وجيہ : ..................................

C9H6U9

V) 'شهرن جا بدلجندڙ نظارا' اِن وشيہ تي مضمون لکو :-



Downloaded from https:// www.studiestoday.com

Downloaded from https:// www.studiestoday.com

# 6. ساميءَ جا سلوڪ

چئنراءِ ٻچومل لنڊ ’سامي‘ (1850-1743ع) شڪارپور (سنڌ) جو رهندڙ هئو. هن ڪجهہ ورهيہ امرتسر ۾ پڻ وڻج واپار سانگي گذاريا : پوءِ جلد ئي واپس شڪار پور اچي هاتي در وٽ هڪ مڙهيءَ ۾ ديرو ڄمائين. هو اُتي گرمکيءَ ۾ چٽڪين تي پنهنجا سلوڪ لکي هڪ مٽڪي اندر رکندو هئو. جيڪي سندس پٽ گهنشامداس گڏ ڪندي هٿيڪا ڪري رکيا.



١) ٻڏَن کي ٻوڙي، تي سامي لهر سمندر جي،
تن کي چوي ڪينکي، جي سنت چڏيا چوڙي،
وينا مُنهن موڙي، جڳت ڏون جگديش ڏي.

٢) غيرت منجهہ غرُق رهن جيءَ جهان جا،
پوُڄن پير فقير کي، رکي ڦيرُ فرق
عاشق چڙهيا اَڇ تي، لِنوَ سان ٻڌ لڪُ
اَندر ٻاهر هڪُ سامي ڏسن سپرين.

٣) سُپني منجهہ ڪنگال، راجا ٿيو هڪ ديس جو،
هاٿي، گهوڙا، پالڪيون، ميڙيائين سڀ مال،
در تي بينا ڪيترا، سامي ڪن سوال
جاڳي ايهو حوال، پنندو وَتي پاڻهين.

**نوان لفظ :**

جڳت = سنسار، ڏوُن =ڪان، جگديش = پرماتما، غيرت=لڄ شرم، غرق=غلطان،
ڦيرُفرق = پيدياءُ، ڪنگال = سُڃو، اِنوَ = وشواس، لَڪُ ٻڌڻ = تياري ڪرڻ، اَڇ = سمنڊُ.

## اَڀياس

سوال ١ - هيٺين سوالن جا جواب هڪ ٻن جملن ۾ لکو :-

١. سمنڊ جي لهر ڪنهن کي ٻوڙي ٿي؟
٢. جڳت ڪان جڳديش ڏانهن ڪير ٿا مُڙي وڃن؟
٣. جهان جا جيوَ ڇا ۾ ٿا غرق رهن؟



Downloaded from https:// www.studiestoday.com

Downloaded from https:// www.studiestoday.com

۴. عاشق اَڇ تي ڪيئن ٿا چڙهن؟

۵. سيني ۾ ڪنگال ڪير ٿيو؟

**سوال ۲ - هيٺين سوالن جا جواب ٿوري ۾ لکو :**

۱. سپني مان راجا کي ڪهڙو گيان حاصل ٿيو؟

۲. سامي صاحب پرماتما کي پائڻ جي ڪهڙي راهه ڏيکاري آهي؟

**سوال ۳- خال پريو :-**

۱. ........... کي ٻوڙي ٿي سامي لهر سمندر جي.

۲. غيرت منجهه ................. رهن جيءَ جهان جا.

۳. سپني منجهه ڪنگال، راجا ٿيو هڪ ........... جو.

**سوال ۴ - بيت جي آڌار تي سِٽون پوريون ڪريو -**


۱. تن کي چوي ................................................. جڳديش ڏي.

۲. پوڄن پير ................................................. لِنوَ سيان ٻڌي لَڪُ

۳. هاٿي گهوڙا ................................................. ڪَنِ سوال.

## پورڪ اَڀياس

**سوال (۱) بيت ۾ ڏنل هيٺين اکرن سان شروع ٿيل لفظ لکو.**




**سوال (۲) شعربند تي مشغولي.**

سُپني منجهه ------------------- وٺي پاڻهين.

(i) ڪنگال ۽ راجا لفظ جا ضد لکو.

(ii) بيت جي سِٽن ۾ آيل جانورن جا نالا لکو.

(iii) سپني ۾ راجا جو ڪهڙو حال ٿيو؟

**سوال (۳) سامي صاحب جو ٻڌل / پڙهيل بيو ڪو سلوڪ لکو.**

C9R2VH




Downloaded from https:// www.studiestoday.com

Downloaded from https:// www.studiestoday.com



# لِکڻ - هُنر
# ڪمائتو- لکڻ



## خط لکڻ

خط لکڻ هڪ ڪلا آهي. پنهنجي من جا ڀاوَ / ويچار ٻين تائين پهچائڻ، تنهن سان گڏ پنهنجون ڀاوناڻون ۽ ويچار سٺي ٻوليءَ ۾ بيان ڪرڻ لاءِ خط هڪ عُمدو لکڻ جو ساڌن آهي.

گذريل سال ۾ توهان 'خط لکڻ سکيا' آهيو. اُهو خط توهين پرمپرا (خاص نموني) جي موجب لکندا آيا آهيو. پر هاڻي توهين ٽيڪنالاجيءَ جي زماني ۾ گُذران ڪري رهيا آهيو. هاڻي ڪمپيوٽر، موبائيل، اِنٽرنيٽ، ميل اِنهن سڀني سان توهين واقف آهيو.

فون وڊيڪ ڪم آندو وڃي ٿو. اِنڪري خط لِکڻ جي گهُرج ٻه ڪجهه قدر گهٽ ٿي ويئي آهي. تڏهن ٻه پنهنجي ويجهي مائٽ، ساهيڙي / دوست کي پنهنجون ڀاوناڻون، اَثردار نموني ٻڌائڻ، اِهو لفظن ۾ ڀاوناڻون ظاهر ڪرڻ جي قابليت (غير دستوري خط لکڻ وقت) آهي. پنهنجي ڳالهه ويچار (گهُرجون، شڪايت، وينتي) ٿهڪندڙ ۽ گهٽ ۾ گهٽ لفظن ۾ لاڳاپو رکندڙ ماڻهوءَ (اَڌڪاري / عملدار / سمپادڪ / هيڊماسٽر وغيره) تائين پهچائڻ (دستوري خط لکڻ وقت) ٻه هڪ ڪلا آهي.

خط لکڻ لاءِ ٽيڪنالاجيءَ جو واپرائڻ ٻه اَڄ جي گهرج آهي. هِن ڪانپوءِ توهان کي ميل موڪلڻ جو ٽيڪنيڪ واپرائڻو آهي. تنهن جي ڪري هن سال کان نئين ٽيڪنالاجيءَ موجب خط لکڻ لاءِ ميل موڪلڻ جو طريقو ڌيان ۾ رکڻ وارا آهيون.

هن سال اَسين هيٺين خطن جا نمونا سکڻ وارا آهيون.

**خط لکڻ**

- دستوري
  - گهُر، وينتي
  - آفيس ۽ ڌنڌي ۾ پيشيور خط
- غير دستوري
  - ڪٽنب
  - پنهنجي ويجهن مائٽن
  - يا دوست / ساهيڙيءَ کي موڪلڻ جا خط

| دستوري | غير دستوري |
| --- | --- |
| ١. جنهن ڏانهن خط لکڻو آهي اُن ماڻهوءَ جو عهدو، پتو، (اَئڊريس لکڻ) | ١. ناتي موجب ماڻهوءَ جو عزت آفزائيءَ سان خط جي شروعات ڪريو. جيئن پيارو- پياري ماننيہ مانيور وغيره |
| ٢. خط جو وشيہ لکڻ | ٢. جنهن ڏانهن خط لکو ٿا اُن جو خوش چاڪ بابت پڇڻ. |
| ٣. ٺهڪندڙ، گهٽ ۾ گهٽ لفظن ۾ مقرر مذڪور لکڻ | ٣. ڀاوناڻون اَثردار لفظن ۾ بيان ڪرڻ |
| ٤. خط جي آخر ۾ ساڃي پاسي خط موڪلندڙ جو پتو ائڊريس لکڻ ضروري آهي. | ٤. ناتي /رشتي موجب پنهنجائپ سان بيان ڪرڻ. |
| | ٥. خط جو وشيہ لکڻ جي ضرورت ڪونهي. |
| | ٦. خط جي آخر ۾ ساڃي پاسي خط موڪليندڙ جو پتو (اَئڊريس لکڻ) ضروري آهي. |



Downloaded from https:// www.studiestoday.com

Downloaded from https:// www.studiestoday.com

نوٽ:- خط جو جواب ملڻ لاءِ خط موڪليندڙ جي اَئڊريس لکڻ ضروري آهي. لفافو ڪڍي اَئڊريس لکڻ جي ضرورت ڪونهي. (اي. ميل لاءِ لفافو نہ هوندو آهي.)

**خط جو نمونو**

تاريخ ____________

ڏانهن / ڪنهن کي ____________

مانئيہ / مانيور ____________

____________

وشيہ: ____________

صاحب، ____________

**مکيہ مذڪور**

توهانجو / توهانجي

____________

پتو (اَئڊريس)

____________

(خط موڪليندڙ جي اَئڊريس)

## آکاڻي لکڻ

آکاڻي پڙهڻ يا ٻڌائڻ ٻارن جو آنند جو وشيہ آهي. شاگردن جي ڪلپنا شڪتي، نئين نموني ۾ سرجڻشيلتا جي پرکہ ڏيڻ وارو وشيہ آهي.

توهان آکاڻي لکڻ سکيو آهي. آکاڻي لکڻ جو هُنر، اُن جا اَهميت وارا مُدا، اُنهن مُدن بابت پوريءَ طرح سان ويچار ڪرڻ جو اَڀياس ڪيو آهي.

ڪا ٿيل ڳالهہ جيڪا ٻڌائي وڃي ٿي اُها آهي آکاڻي. آکاڻي پنهنجي ڪلپنا سان سرجڻشيلتا سان رچي وڃي ٿي.

آکاڻيءَ جي شروعات آکاڻيءَ جو اَهم پاڳو آهي.

ڪٿا لِکڻ ڪلپنا شڪتيءَ تي آڌار رکندڙ ڪلا آهي. آکاڻيءَ جي ڪردارن، گهٽنا، ترڪ ڪرڻ وارن ويچارن جو وستار ڪرڻ اِهو لکڻ جو هُنر آهي. هن لکڻ جي هنر جو وڪاس ڪرڻ مکيہ مقصد آهي.



Downloaded from https:// www.studiestoday.com

Downloaded from https:// www.studiestoday.com

آکاڻي لکڻ جي ماڊيم سان آکاڻيءَ مان خوشي ملي اِهو پڻ مقصد آهي.

**سٺي آکاڻي لکڻ لاءِ هيٺين ڳالهين تي ڌيان ڏيو:-**

(۱) آکاڻيءَ جي وشيہ کي سِرو (Title) ڏيو. (تاتپرج لکڻ جي ضرورت ڪونهي.)

(۲) سِري موجب آکاڻيءَ جي ڪلپنا هئڻ گهرجي.

(۳) اِهو ضروري نہ آهي تہ سِرو مطلب سنو ويچار يا چوڻي هجي.

(۴) آکاڻي زمان ماضيءَ ۾ لکجي. (آکاڻي ٻڌائي وڃي ٿي انڪِري زمان ماضيءَ ۾ لکي وڃي ٿي پر شاگرد اُن ۾ پنهنجي ڪلپنا ۾ رچنا موجب آزاديءَ سان (جنهن زمان ۾ چاهي پيش ڪري سگهي ٿو.) مثال آکاڻيءَ ۾ فلئش بئڪ ۾ گهٽيل گهٽنا ٻڌائيندي اُها زمان ماضيءَ ۾ زمان حال ۾ ٻڌائي وڃي سگهجي ٿي.

(۵) ليک ۾ گهٽنا، واقعي موجب نهڪندڙ ڪال ۾ لکڻ ضروري.

(٦) آکاڻيءَ ۾ سلسلو هئڻ ضروري آهي (گهٽنا موجب هڪ ڳالهہ ۾ پوءِ اُن سان جڙيل ڳالهہ اَهڙي نموني سلسلو هئڻ گهرجي.)

(۷) آکاڻيءَ موجب واتاورڻ پئدا ٿيڻ / نرماڻ ٿيڻ گهرجي.

(۸) آکاڻيءَ موجب ڪردار ۾ اُنهن جي گفتگو نهڪندڙ ڀاشا ۾ هئڻ گهرجي.

(۹) موقعي موجب، اِستان موجب ڪردارن جي ڀاشا هئڻ گهرجي.

(۱۰) هرهڪ پسگردائيءَ جي ڀاشا الڳہ الڳہ هوندي آهي. آکاڻي لکڻ وقت اِها ڳالهہ ڌيان ۾ رکجي.)

مثال، گهٽنا - راندين جي ميدان، گهر، راڄ دربار، وغيره واري هجي تہ اُنجي ڀاشا الڳہ ۾ اُنجي شئلي اَلڳہ هجڻ گهرجي)

(۱۱) ٻين ٻولين جا سلوڪ، سُويچار، چوڻيون، اِصطلاح جيترو ٿي سگهي نہ لکجن جيئن سنڌي ٻوليءَ ۾ هندي/ اَنگريزي ٻوليءَ جا مهاورا (Phrases) ڪم نہ آڻجن.

(۱۲) آکاڻيءَ جي شروعات ۾ آخر جو ڀاڱ ۾ لاڳاپو هئڻ ضروري آهي.

## آکاڻي لکڻ جا نمونا

۱. ڏنل شروعات مان آکاڻي لکڻ.

۲. ڏنل سِري مان آکاڻي لکڻ.

۳. ڏنل لفظن مان آکاڻي لکڻ.

۴. اَڌپوري آکاڻي پوري ڪرڻ.

(الف) ڪٿا جي شروعات ڏيئي باقي پورو ڪرڻ.

(ب) آخري حصو ڏنل ۾ شروعات پوري ڪرڻ.

۵. ٽِپن مان آکاڻي لکڻ.

آکاڻي لکڻ لاءِ مٿي ڏنل قسمن کان الڳہ سرجڻشيل نموني ڳالهيون، سلسلو بيان لکي سگهجن ٿا.
اَهڙي اَلڳہ الڳہ نمونن جو اَڀياس ڪريو.



Downloaded from https:// www.studiestoday.com

Downloaded from https:// www.studiestoday.com

## ٽڪر پڙهي سوال ٺاهڻ

سوال ٺاهڻ اَچڻ، اِها هڪ اَهميت واري ڀاشا جي قابليت آهي. اِها قابليت حاصل ڪرڻ لاءِ ’ٽُڪر سمجهڻ‘ اِن يونٽ کي اَڀياسڪرم ۾ شامل ڪيو ويو آهي. توهان درجي نائين ۾ هن جو اَڀياس ڪيو آهي. اُنجو وري اَڀياس ڪريو. ڏنل ٽڪر پڙهي توهان کي سوال ٺاهڻ اَچڻ گهرجن. سوال اهڙا هجن جن جا جواب هڪ جملي ۾ هجن.

**سوالن لاءِ هِدايتون:-**

١. تيار ڪيل سوال، سوال جي روپ ۾ معنيٰ پريو هئڻ گهرجي.

٢. ڪير؟ ڪٿي؟ ڪڏهن؟ ڇا؟ وغيره جي قسمن جي سوال ٺاهڻ جو اَڀياس ڪريو.

٣. جن سوالن جا جواب ٽڪر ۾ هجن، اَهڙا ئي سوال ڏيڻ گهرجن.

٤. سوالن جا جواب نه لکجن.

٥. سوالن جي آخر ۾ سوال جي نشاني ڏيڻ ضروري آهي.

## مضمون لکڻ

لکڻ جي هنر جو وڪاس ڪرڻ جو مکيه پاڻُو آهي ”مضمون لکڻ“ مضمون معنيٰ ڪنهن وشيه سان لاڳاپو رکندڙ پنهنجن ويچارن جو مُدن موجب ٺهڪندڙ نموني پيش ڪرڻ.

لکڻ جي هُنر سان گڏ مضمون لکڻ جو مکيه مقصد آهي. ڇڪاسيندڙ، ويچار، جاچ شڪتي ۽ سرجڻشيلتا ۽ سُٺي نموني سمجهڻ، اِنهن سيني لياقتن جو وڪاس ٿيڻ.

مضمون لکڻ وقت، مضمون لکڻ واري جي ويچارن جو پاڇو پوندو رهي ٿو. وشيه سان لاڳاپو رکندڙ، جاچيل ويچار، پنهنجون ڀاونائون، ڪلپنائون ۽ سرجڻشيلتا، اِنهن جو اَثردار لفظن ۾ بيان مطلب مضمون لکڻ.

پڙهڻ، سمجهڻ، جاچڻ، ويچار، ڀاونائون، ڪلپنائون ۽ آزمودا اِنهن جو پنهنجن لفظن ۾ظاهر ڪرڻ اِهو لکڻ جي هنر جي وڪاس جي مکيه نشاني آهي.

هن سال عملي پرچي لاءِ بياني، آتم ڪٿا، خيالي اِنهن مضمونن جي قسمن جو اڀياس ڪرڻ وارا آهيون:

**مضمون لکڻ لاءِ هِدايتون:-**

١. ڪنهن به مضمون جي شروعات وڻندڙ هئڻ گهرجي. مضمون اَڳيان وڌيڪ پڙهڻ لاءِ چاهه ٿئي. ڏنل وشيه موجب شروعات ڪنهن خاص سُٺي ويچار، گهٽنا، واقعي، گذارش (وينتي)، گفتگو سان ڪجي.

٢. مضمون جي وچ واري ڀاڱي ۾ وشيه جو وستار ڪجي. وِستار ڪرڻ وقت اِصطلاح، چوڻيون، پهاڪا وغيره اِستعمال ڪري اَثردار نموني لِکجي.

٣. مضمون جي پڇاڙي، پڙهندڙ کي وشيه موجب ويچارڏارا ڏانهن وٺي وڃڻ واري هئڻ گهرجي. وشيه سان لاڳو هجي.

**واقعو لکڻ / آزمودا لکڻ-** اَسانجي سامهون گهٽجندڙ/ گهٽيل ڪو واقعو يا گهٽنا اَسانجي ويچارن ۾ هميشه هوندي آهي.

اُن واقعي / گهٽنا جو اَثر اَسانجي من تي هوندو آهي. اُن بابت پنهنجا ويچار، ڀاونائون، آزمودا، لفظن ۾ بيان ڪرڻ اِهو واقعي لکڻ يا آزمودو لکڻ ۾ اُميد ڪئي وڃي ٿي.

باريڪبنيءَ سان جاچڻ جي شڪتي، اُنجو پاڻ مٿان اَثر اِهي واقعي / آزمودو لکڻ لاءِ تمام ضروري ڳالهيون آهن.

واقعو / آزمودو لکڻ وقت رڳو ٻاهريون بيان نه پر اُن سان گڏ واقعو ڏسڻ واري جي من ۾ ڪهڙيون ڀاونائون پيدا ٿيون؟ ڪهڙا ويچار آيا ۽ مکيه ڳالهه اِها آهي ته واقعي ڏسڻ واري جي من تي ڪهڙو اَثر ٿيو؟ اِنهن جو اَثرائتي لفظن ۾ بيان هئڻ گهرجي.



Downloaded from https:// www.studiestoday.com

Downloaded from https:// www.studiestoday.com

**واقعو لکڻ:-** پنھنجي اَکين اڳيان گھٽنا گھٽجي رھي آھي. اِھا ڪلپنا ڪري گھٽنا جي پوري وستار سان ڄاڻ، ماڻھن جي پرتيڪريا ۽ گھٽنا جو پاڻ تي ٿيل اَثر، اِنھن ٽنھي ذريعي واقعو لکڻ ڳ ھرجي. (ڪيترا دفعا، عملي پرچي ۾ ڏنل گھٽنا / واقعو ڪلپناتمڪ ٿي سگھي ٿو. اُن گھٽنا جي ڪلپنا ڪري، چنڊچاڻ ڪري ڪلپنا شڪتيءَ سان مضمون لکڻ گھرجي.)

**آزمودو لکڻ:-** اَسين ڪنھن پروگرام، ڪاريہ‌ڪرم ۾ وياسين يا ڀاڱہ ورتو اِھو ڪلپنا ڪري ڪاريڪرم جي پوري وستار سان ڄاڻ جو بيان، اُن جا ڀيا مُدا (مثال، پڪنڪ) ھجي تہ اُن جي اِتھاسڪ ڄاڻ، پنھنجا آزمودا، ۽ ڀاوَ ڀاوناٸون اِنھن جو بيان ڪرڻ اَچڻ گھرجي. آزمودو لکڻ ۾ پنھنجي آزمودي آيل ڳالھين جو ورنن سُٺي/ ڏُکي / خوشي اَثرائتي نموني ڪرڻ اَچڻ اَھميت وارو آھي.

**آتم ڪٿا لکڻ:-** (١) آتم ڪٿا مطلب ڪنھن ٻئي جي آتما اَسان ۾ سمائجڻ

(٢) ٻئي جي سکہ- دکہ جو ويچار ڪرڻُ، ان جي من کي سمجھڻ.

(٣) ساھواري ۽ بنا ساھواري جي ڀاوناٸن کي سمجھڻ

(٤) اُن شيءِ جي جڳھہ تي اَسين آھيون اھا ڪلپنا ڪري اُن شيءِ جي من ويچار/ ڀاونا / سُکہ- ڏُکہ، لفظن ۾ بيان ڪرڻ اِھو آتم ڪٿا لکڻ جي مکيہ خاصيت آھي.

آتم ڪٿا لکڻ جي ڀاشا عدد واحد (مان ڳالھايان ٿو / ٿي) ھئڻ گھرجي.

وشيہ موجب پرستاونا (ڪا گھٽنا، واقعو / قصو) لکي مضمون جي شروعات ڪري سگھجي ٿي. پر اِھا پرستاونا تمام ننڍي، يا ٿوري ۾ ھئڻ گھرجي.

**خيالي:**

(١) خيالي مضمون ۾ وشيہ موجب ويچار ھئڻ گھرجن.

(٢) خيال مضمون ۾ بيان / ورنن، ڪلپنا ڪان وڌيڪ خيال اَھميت وارا ھوندا آھن.

(٣) ھرھڪ ويچار جا ٻہ پاسا ھوندا آھن.

(٤) اُنھن ٻنھي پاسن سان لاڳو ويچار مضمون ۾ ھئڻ گھرجن.

(٥) پنھنجي ويچارن جي پُٺيرائيءَ لاءِ مُدا، مدد سان لاڳو ترڪ سان گڏ پيش ڪرڻ اَھميت وارو آھي. پنھنجي ڄاڻ، پڙھڻ، ويچار جيترا وڌيڪ اوترو خيالي مضمون لکڻ وڌيڪ سؤلو ٿئي ٿو.

## گفتگو لکڻ

ھڪ ٻئي سان ڳالھہ ٻولھہ ڪرڻ وقت ڀاشا تمام گھڻي اَھميت رکي ٿي. گفتگو ڪرڻ يعنيٖ پختي نموني پنھنجا ويچار رکڻ، پنھنجا رايا ڏيڻ وغيره پيش ڪرڻ.

لکڻ جي ھُنر سان گڏ، گفتگو لکڻ جو مکيہ مقصد آھي. پنھنجا ويچار، رايا، ڄاڇيل ڳالھہ سٺي نموني سمجھي، وشيہ موجب ڳالھائي ظاھر ڪرڻ، اِنھن سڀني جو وڪاس ڪرڻ.

گفتگو لکڻ وقت، گفتگو ڪرڻ وارن جي ويچارن، سمجھہ ڀاوناٸن، ڪلپناٸن، سرجڻشيلتا ڀاشا جي ڄاڻ انھن سڀني جي پيشڪش آھي.

**گفتگو لکڻ وقت ڌيان ۾ رکو تہ :-**

گفتگو زمان حال ۾ ھجڻ گھرجي.
وشيہ سان لاڳاپو رکندڙ ھجي.
ڪردار موجب ھجي.
موقعي / گھٽنا / قصي موجب ھجي.
ڳالھہ ٻولھہ ۾ لاڳاپو ھجي.
رشتي موجب (جيئن وڏن سان لياقت سان ڳالھائڻ) ھئڻ گھرجي.
نھڪندڙ بيھڪ جون نشانيون ڪم آڻي لکجي.



Downloaded from https:// www.studiestoday.com

Downloaded from https:// www.studiestoday.com



مهاراشٽر راجيه پاٺيه پستڪ نرمتي و اَڀياسڪرم سنشوڌن منڊل، پُڻي.

सिंधी अरे. सिंधुभारती इयत्ता दहावी (सिंधी माध्यम)

₹ 42.00

Downloaded from https:// www.studiestoday.com